اکر اکر کي اک

(شاعري)

ابراهيم منشي

روشني

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani

اکر اکر کي آک، مون جا ڏني ماڙهوئا!
چيتاري چت سان، پڙهي پوءِ پرک،
کَکَ جي هيٺان لَک، ڍَکيل آهي ڍولڻا!

(منشي)

SOORIH SINDHI ADAB

اڪر اڪر ڪي اڪ

(شاعري)

SOORIH SINDHI ADAB

ابراهيم منشي

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2006ع

Roshni Book No. 355

ڪتاب جو نالو: اکر اکر کي اک
شاعر: ابراهيم مُنشي
مرتب: آزاد سومرو

ڇاپو پهريون: © روشني 2006ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز، حيدر چوڪ، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

AKHAR AKHAR KHY AKH

by: Ibrahim Munshi

Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composer and Printer Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
First Edition © Roshni 2006

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
سچل بوڪ سينٽر، ممتاز مارڪيٽ - حيدرآباد
پيتائي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو - حيدرآباد
سڪندري بڪ ڊيپو - ڪپرو
ڪاٺياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر - لاڙڪاڻو
نيشنل بڪ ڊيپو، بندر روڊ - لاڙڪاڻو
نوراني بڪ ڊيپو، بندر روڊ - لاڙڪاڻو
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ - دادو
جنيد بوڪ ڊيپو - دادو
شاهه لطيف ڪتاب گهر، ميهڙ
مرچو لال بوڪ ڊيپو - بدين
رحيم بڪ ڊيپو، بدين
عزيز ڪتاب گهر - بئراج روڊ، سکر
ڪتاب مرڪز - فيريئر روڊ، سکر
الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز - سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
تهذيب نيوز ايجنسي، پنج گل چوڪ - خيرپور ميرس
قاسميه لائبريري - ڪنڊيارو
اشرف بڪ اسٽال، نوابشاهه
مڪتبه عزيزيه، کهڙا
محمد يوسف ميمڻ نيوز پيپر ايجنٽ، مورو

SOORIH SINDHI ADAB

ارپڻا

ابراهيم منشيءَ جي سڄي شاعريءَ کي
منشي جي آواز ۾ وڊيو رڪارڊ
ڪرائيندڙ
ڊاڪٽر انور عالماڻيءَ
جي نانءِ

مرتب

SOORIH SINDHI ADAB

فهرست

پنهنجي پاران - آزاد سومرو	11
راڳي ويراڳي شاعر (مُهاڳ) - مير عبدالرسول "مير"	17
بيت	31-25
وايون	43-32
راڻا تنهنجا رنگ	32
هير هوائون ڪاءُ، پوپٽ جهڙي پوپري	33
ورھ جي واڳي	34
ڏڙاڏڙ ڏاڙا	35
شاھ بندر جي شام	36
سُرهو سَرنهن جو ساڳ، الا!	37
زور جي اڳيان زاري، ڪانھ هئي تو مند مرڻ جي	38
موتي اڇن ميان، تان، ٿيان	39
اگهور نند مان پاڳيا جاڳيا، چورا چرڪ پري	40
ڏوهي ! اٿنٿان ڏوھ	41
جنهن ماريو، تنهن جياريو	42
منهنجي مُئي ڪان پوءِ	43
ڇيڪ چارين ٿيون ڇيلڙا، ماروئڙيون تہ ملير ۾	44

ڪافيون 73-45

مري ماءُ ويندين، سامونڊين کي ساري 45
هٽي هوڏ هليا هُڙن کي هاڪاري 46
معاف ٿيا محصول، نياز نوريءَ جي ناٿ نمايو! 47
عمر ملڪ منهنجو، وڻو واريا سو 48
تُنهنجي پَٽ ڪان پِياري، پنهوارن جي پوٽي 49
من ۾ محب ميهار، ڏم ڏوراپا ڏيئي ڇا ڏيندو! 50
گهڙي ساڻ گهڙي، گهيرن گهائي گهمائي گهاگهر! 51
راٺا توريءَ رات، ورهه وارين جي ڪيئن وهائي! 52
ڪاهوڙين جي ڪير، رنگپور ڏي تي رات رواني! 53
جوڳي جُوءِ ڇڏي ويا جي جبروتي 54
سُلغيون سَرڪلياڻ، مڙهين ۾ ويا ڇڏي موالي! 55
سُمهه نه رات، اکين مان ڇڏ نند اُڪوڙي! 56
گهڙ مانجهي تي مهراڻ، اصل اهڃاڻ، اُونهي جا آڻ 57
اڄا ڇو نه آيا، ويا دل دکائي 58
نه ڪج تون نماٺيءَ سان، نينهن جو نبيرو 59
پلي هڻ حبيبا، پِري ڪان ڪاري 60
رتو روئي روئي، وَسي اڄ وساٽيون 61
عمر اجائي يار، وي ميان، گهوٽ وڃائي تو نه گهمڻ ۾! 62
ڪَجلين ساڻ ڪٽاريون، تو جِن ماريون 63
مون کي تو ۾ اُميدون وڏيون 64
سانڊي سور سيني جگر جِيءُ جلايان 65
سر سمي صدقو ڪيو، مرڪي مهاٽن جي مٿان 66
عشق اٿئي اڙبنگ، ادا ڙي، نينهن وڃائي ننگ 67
عشق رهي اڻ چاڻ، چاڻ دنيا جي ڪجهه نٿو چاٽي 68
واهه واهه عشق تنهنجون، خاصيون خلاصيون خبرون 69
عشق ڪيئن آزاريا، ڪئين مور منڙا ماريا! 70
نه سي پين نه باعيد، نه سي باعيداٺي 71

اڄا وهه وٽيءَ لٿه، اَندر ڪن اُجارا 72

عجب عشق تنهنجا اوراَنگي ڏئاسون 73

غزل 121-75

ويچاري دل ڪري دانهون، ٻڌڻ وارا ويا ٻوڙا ٿي 75

هزارين بُلبُلا هن باغ مان گُمنام ٿا ڏسجن 76

سلسلا سورن جا سر تي ٿيا وڏي وڻ وڻ ته وڻ 77

دل ۾ دردن جو داخلو گهرجي 78

عجب هن ملڪ ۾ آهن اُخوّت جا لتاڙيندڙ 79

راهه الفت ۾ روشني گهرجي 80

ڏيندي وڏيڪ اِن ڪان، آخر عذاب ڪهڙو؟ 81

جت پيار پيندڙ هئا اڳ، شوق شفقت جو شراب 82

هڪ حسن، ٻي بي حجابي، ٽيو نمونو ناز نئون 83

اسان راند ڪئي دل رکي هار ڪت 84

ڏُکايل دل مٿي دلبر، هٽين ٿو ڏنگ ڏاهو ٿي 85

هن پيجري هڏن جي ۾، رت ماس ڪٿي آهي 86

نرالا نيڻ نازڪ جا، نشانا ڪن نوان نِت نِت 87

نه آ پيار زر سان، زمان سان زمين سان 88

آس ۾ آسن تي آسون، آس پوري آس ڪر 89

ڇا ڪريان اقرار ڪي ۽ ڇا ڪريان انڪار ڪي 90

آرزوئن جو جنازو، دربدر پيو روليان 91

بنا ديدار دلبر جي، جيئڻ مشڪل، مرڻ مشڪل 92

گُلبدن گس تي گڏيو، ڪو گل گلابيءَ جي مثال 93

عجيبن جي اکين ۾ هو، عجب اسرار وهه ڙي واهه! 94

ڏسو ڏسو هي اميدن جو آهه مزار ڏسو! 95

اسان جي درد جا آهن، ڪتيون، تارا، قمر شاهد 96

سير ۾ سڪرات ٿي، پر ڪونه ڪو ساحل ڏٺم! 97

ڇا ٿيو، هي ڇا ٿيو، هي ڇا ٿيو 98

اڄ صنم سينگار ڪيو، واسينگ هرهڪ وار ٿيو 99

ڳورن ڳاهُ ڏيئي ڳاٽي وبو ڳهتي ۾ 100
ڳور ڳوران اڄ ڪري ڳائڻ ڪتان سهٽا سڪيئين 101
سوايو سونهن ۾ سهٽو سڄڻ سينگار سان آيو 102
رنگ ٿو رُوح ڪي وٺي، محبوب تو محلات جو 103
ڪر ملڻ جي مهرباني يا ڪُهڻ جي ڪار ڪر 104
محب ماٺن ساڻ ماري من نہ تو مستان ڪيو 105
نيهن لاتم، پيچ پاتم، ڪين ڄاتم ڪَلّ ڪو 106
قرب وارن اڄ ڪَني سُونهن جا سامان ڪيا 107
سوين ساڙڻ سندا سهٽو ڪٽي سامان اڄ آيو 108
وار جي وارن ڪيا سي ونگجي ويڙها ٿيا 109
گلبدن گلشن اندر ڪو جوت سان جاني ڏنم 110
محب محبت مان نہ ڄاڻي، ڇا ڪريان 111
هن حياتيءَ ۾ حبيبا هيج مان هيڪر ملو 112
ڪر نہ ٻيائي ٻاجھ ڪر تون ٻاجھ وارا ي پرين 113
عجب اُلفت ڪرڻ اُن سان مناسب يار ٿو سمجھان 114
جو يار ناهي ياقي تنهن يار ڪي ڪبو ڇا 115
جواني وڃائي جاني اچڻ ٿيو نہ ڇا ٿيو 117
آئي خبر، تازي هينئر، سهٽو سفر، ويو ڪالھ ڪر 118
سال ٿيا سڪندي گهٽا جاني سواءِ جنهاڻ ۾ 119
ياخدا شل خير سان جيئري وري جاني ڏسان 120
وٺي واھ وٺي، تنهنجي اک جي اٽي 121

نظم 127-122

مبارڪ مڙن ڪي، پيري پير آيا 122
سَون سالن جي پنڌ ڪان پوءِ، جتي آهيون اُتي آهيون 123
تون بند ٻڌي بند ڪرڻ چاهين ٿو پاڻي 124
پليتن بند ڪيو پاڻي، سڪي سنڌو ٿيو ساٹو 126

پنهنجي پاران

سنڌ اڄ کان هزارها سال قديم سنڌ هڪ ملڪ جي حيثيت سان دنيا جي گولي تي قائم ۽ دائم رهي آهي، جنهن تي رهندڙ سنڌي قوم ڪيترين ڌارين قومن جي ڪاهن، هلائن ۽ قابض هجڻ جي باوجود پنهنجي ٻولي ڪلچر ۽ ثقافت کي پنهنجي رسم و رواجن جي مطابق مختلف مذهبن جي مت ڀيدن جي رواداريءَ کي به برقرار ۽ جاري و ساري رکندي آئي آهي. اڄ به ٻهراڙين ۾ جتي به پنج گهرڙا آهن اتي مسجد ۽ اوطاق ضرور هوندا. جتي محفلون، مجلسون، راڳ، رهاڻ، ڪچهريون وغيره عام جام آهن. پر مولود مداح به وڏي شوق ذوق سان ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو رواج رهيو آهي، اهريءَ طرح جنهاڻ سومرو ۾ محمد اسحاق ولد محمد حسين جمعدار نالي مشهور مولودي رهيو، پاڻ سٺو شاعر به هو ۽ سٺو آواز به هو. سندس آني واري مداح تمام گهڻي مقبوليت ماڻي چڪي هئي. جنهن جي ڪري هن جو به نالو وڏيڪ روشن ٿيو، 1934ع ۾ هن کي پٽ ڄائو، نالو محمد ابراهيم رکيو ويو، ڪجهه سالن کان پوءِ هن کي ٻيو پٽ محمد قاسم ڄائو، پنج نياڻيون به هيون. محمد اسحاق هاڻ بيمار رهڻ لڳو، بيماريءَ جو ڪافي علاج ڪرايائين پر نيڪ نه ٿيو، نيٺ 15 مارچ 1945ع ۾ وفات ڪري ويو. محمد ابراهيم جي اڃا 11 سال عمر هئي، سڄي گهر جو بار هن جي سِر تي اچي ويو، پنجن درجن کان مٿي تعليم حاصل ڪري نه سگهيو، گزر سفر ۾ لڳي ويو، گڏهه تي ٻنون باعيد مياڻ کان پلا ڪٺي ڳوٺن ۾ ڪپائڻ گجر بصر ڳڙهه وغيره ڪپائڻ هن جو معمول بنجي ويو. گڏهه تي چڙهي واپار پيو ڪري ۽ مداح مولود ڪافيون ۽ ڪلام به پيو جهونگاريندو وتي. 1949ع ۾ هن جي جواني انگور ڪڍيا ته هن جي من پاتال

اکر اکر کي اک

۾ موج پريو مهراڻ چوهه مان ڇوليون هڻڻ لڳو ۽ تڏهن هن پنهنجي شاعري شروع ڪئي. تصديق لاءِ مرحوم علي محمد سپاهيءَ کي ڏيکاريندو رهيو، علي محمد سپاهي پاڻ سٺو شاعر هو ۽ منشي سان تمام وڏو مهربان رهيو، جنهن نه رڳو شاعريءَ ۾ منشي جي رهنمائي ڪئي، پر زندگيءَ جي انوکن موڙن تي به هن کي سُٺو سات ڏنائين. جڏهن ٺيڪيدارن وٽ منشي گيري ڪرڻ ڪري، ماڻهو هن کي منشي چوڻ لڳا ته هن تخلص به 'منشي' اپنايو، ورنه اڳ ۾ مشتاق لکندو هو. 1951ع ۾ هن پهرين شادي ڪئي، جيڪا 31 ڊسمبر 1962ع تي گذاري ويئي ۽ 1966ع ۾ هن وري ٻي شادي ڪئي. پهرينءَ گهر واريءَ مان ٻه نياڻيون ۽ ٻيءَ مان ٽي نياڻيون ٻه پٽ ۽ ٽيون نيپاج جو پٽ اٿس. ان دؤر ۾ هي رومانٽڪ شاعري ڪرڻ لڳو. جهڙوڪ:

گُهور گهوران اچ ڪري، گهائڻ ڪٿان سهٽا سڪيين
مُرڪ آڻي چؤ مٺا، مارڻ ڪٿان سهٽا سڪيين

•

هڪ حُسن ٻي بي حجابي، ٽيون نمونو ناز نئون
سُونهن ۽ سينگار جو، سهٽو سراسر ساز نئون

۽ ان دوران نه رڳو هي رومانٽڪ شاعري ڪرڻ لڳو، پر ان سان گڏ صفتي حمدي ۽ نعتي شاعري به ڪرڻ لڳو. جهڙوڪ:

ياغني غفار تون، قادر قوي ڪلتارتون
پاڻ ٿاهين پاڻ ڊاهين، جڳ سندو جبار تون

•

تنهنجي عشق عربي، ٻئي جڳ اُجاريا،
تنهنجي نُور نرمل، نظارا ڏيکاريا

•

پرور پسايو مونکي، مونکي سدا منارا، نوري ڏسان نظارا

پوءِ 1963ع کان 1967ع تائين گذر سانگي ڪراچي رهڻ لڳو، جتي هن کي غلام حسين مُونڊرو ملي ويو، جيڪو لسٻيلي جو رهاڪو هو ۽ لطيف جو وڏو ڄاڻو هو. جنهن منشيءَ کي لطيف پڙهايو ۽ منشي هن کي اُستاد ڪري

اڪو اڪو ڪي اڪ

محبيندو هو ۽ اُتي هن کي پيا به شاعر دوست مليا. ڪيفي مسرور، حاجي مسڪين لاشاري، ساجد سرشاري، علي محمد مجروح وغيره سڀ غزل گو شاعر هئا. هر آچر تي مشاعرا به ٿيندا هئا ۽ منشي به هنن سان گڏ غزل جي شاعري ڪرڻ لڳو.

لطافتن ۾ حياتيءَ کي خوشگوار ڏسو
دُعا اها ڪنداسين ته هر بهار ڏسو

پر جڏهن هن تي لطيف جو اثر چڙهندو ويو ته هي عارفاڻي رنگ ۾ ڪافيون به ٺاهڻ لڳو. جهڙوڪ:

سمهه نه ساري رات، اکين مان ڇڏ ننڊ اڪوڙي

•

مونکي تو ۾ اميدون وڏيون
تون ئي جيارين جانب جڏيون

•

جوڳي جُوءِ ڇڏي ويا، جي جبروتي
موتي ماڳ ڪڏهن، ايندا ملڪ تي

•

ڪاهوڙين جي ڪير، رنگپور ڏي ٿي رات رواني

۽ انهيءَ عرصي دوران جنهاڻ سومرو جي پرسان پُراڻ تي ڪاري موري هئي، جتي سليمان فقير اڄ به ويٺل آهي. هن وٽ سنا راڳي حيدر ڪوسو ۽ شاهه محمد ڪلوئي وغيره رهندا هئا. انهن وٽ هن راڳ جي سُٽي سکيا ورتي ۽ سندس سڀ ڪافيون انهيءَ راڳ جي ردم تي ٺاهيل آهن ۽ انهن سان گڏ محفلن ۾ به ويندو هو ۽ گڏ ڳائيندو به هو. 1967ع کان هي هڪ وڏيري جو ستايل هو، تنهنڪري هن شاعريءَ جو رُخ طبقاتي شاعريءَ ڏانهن موڙيو. جهڙوڪ:

ياد رک زر تي هي تنهنجا، ظلم هلندا چار ڏينهن
روپ رنگ رنگين رمزون، نيڻ کلندا چار ڏينهن

•

هر بشر غمگين تنهنجي ڳوٺ ۾
ناهي ڪا تسڪين تنهنجي ڳوٺ ۾

•

هن پيچري هڏن جي ۾، رت ماس ڪٿي آهي
جنهن جان ڏني تنهن جو، احساس ڪٿي آهي

•

هن بيگانن جي بستيءَ ۾، ڪو ظالم آهي مستيءَ ۾
هتي پنهنجن اگهاڙا پاڻيءَ لئه، حيران هزارين وستيءَ ۾
هُو چيٽ ڪتيون ويو چٽ ڪري، ڪو چور وڏيرو چال ڪري،
هُو ڏايل نت پيو ڏنگ ڪري، هر روز حرامي هستي ۾.

اهڙيءَ طرح 1970ع ۾ اليڪشن جو دؤر آيو. هن ڪي پنهنجو آواز بُلند ڪرڻ لاءِ پهرين جمعيت علماءِ اسلام جو ۽ بعد ۾ پيپلز پارٽيءَ جو پليٽ فارم ملي ويو، پوءِ ته هر جلسي هر اسٽيج لاءِ منشي لازم ۽ ملزوم مگر سينگار بڻجي ويو.

عجب ڏٺوسون اڃي ادا ڙي، دنيا جو دستور هتي
راهه رهڻ جي ڪائي ڪانهي، مسڪينن لئه مُور هتي

•

تو چاٽا سجاٽا هي پاپي پراٽا
غريبن جي رت تي رهيا راڄ راٽا

•

مُتفق تي مسڪين اچو اڄ، ڏاڍ جا ڏونگر ڏاريون ڙي
ڏاڍ جا ڏونگر ڏاريون ڙي، ۽ وير پراٽا واريون ڙي

هن ڪتاب ۾ جيڪا شاعري ڏني وئي آهي، سا منشيءَ جي اوائلي شاعري آهي، جنهن ۾ ڪافيون عارفاڻي رنگ ۾ رچيل آهن ۽ ٻيا غزل به آهن. البته ڪجهه وايون ۽ بيت نئين شاعريءَ مان ڪنيل آهن. باقي سڀ سندس اوائلي شاعري آهي. پڙهندڙ کي عرض آهي ته منشيءَ ڪي اڪثر ڪري جلسن جلوسن ڪيسٽن وغيره ۾ ٻُڌو گهڻو ويو آهي، پر پڙهيو تمام گهٽ ويو آهي. منشيءَ جي شخصيت جا تمام گهڻا پاسا آهن، جنهن تي ڪافي سنڌ جي ڏاهن اديبن ۽ ليکڪن لکيو آهي ۽ لکن پيا.

اڪو اڪو ڪئي اڪ

مونکي ڇا مجال آهي جو اهڙي اُتم ۽ بيباڪ شاعر تي لکان. مگر پوءِ بہ منشيءَ جي پائڇ جي حيثيت سان ادنيٰ انسان منشي جي مجموعي زندگيءَ تي هڪ اعليٰ ڪتاب لکان پيو، جنهن ۾ ڪافي شيون منشي جي هٿ اکرن ۾ مون وٽ موجود آهن ۽ ڪافي اسان جي سينن ۾ سمايل آهن. جيڪي ڪاغذ تي اکيري رهيو آهي، سو مواد انشاءَ الله جلدي اوهان پڙهندڙن تائين پهچائيندس. في الحال هن ڪتاب ۾ منشي جي جنم کان 1970ع تائين جو احوال تمام مختصر ڪري لکيو اٿم. باقي مڪمل تفصيل ڪتاب ۾ ڏيندس.

مونکي ننڍپڻ کان منشي جي شاعري سان اڻ کٽ عشق رهيو آهي ۽ انشاءَ الله رهندو. گهڻو ڪري پاڻ وٽ هر شعر لکي وٺندو هوس يا ياد ڪري وٺندو هوس، 1979ع ۾ منشي جي سڄي شاعري چوري ٿي ويئي، تہ مون محنت ڪري ڪيسٽن تان هتان هُتان ڪافي هٿ ڪري ورتي، پر اڃا بہ ڪي شعر هٿ اچي نہ سگهيا. ان لاءِ سيني دوستن کي عرض آهي تہ منشي جي آواز ۾ آڊيو يا وڊيو ڪيسٽون جنهن وٽ بہ آهن، اُهي مهرباني ڪري ڪاپي ڪرائي اسان کي پهچائن تہ سندن ٿورائتا رهنداسون. يا ڪنهن وٽ منشي جون ڳالهيون، يادگيريون يا لکڻيون آهن، سي بہ ڏيندا تہ جيئن ڪتاب ۾ شايع ڪري سگهجن. پيو تہ آءٌ ننڍپڻ کان منشي سان وڌيڪ ويجهو رهيو آهيان. جهڙوڪ جيلن ۾ اڪثر ڪري آءٌ جلديءَ ۾ جلد پهچي ويندو هوس ۽ پڇاڙيءَ ۾ اسپتالن ۾ بہ اڪثر آءٌ ساڻس گڏ رهيس. تنهن ڪري منهنجي سيني ۾ بہ ڪافي سارونيون سانديل آهن ۽ ڪتابن ڇپرائڻ ۾ بہ آءٌ گڏوگڏ هوندو هوس، ڪتابن جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ اوهان جي ذهنن تائين هي ڳالهہ پهچايان ٿو تہ منشي جا ڪهڙا ڪتاب ۽ ڪڏهن ڇپيا.

1. پهريون تمام ننڍڙو ڪتاب (پيغام مظلوم) 1970ع ۾ ڇپيو.
2. سومرا قوم تي مختصر ڪتاب (وڳهہ جا وريام) 1971ع ۾ ڇپيو.
3. جامع انقلابي شاعريءَ جو ڪتاب (گوندر ويندا گذري) 1985ع ۾ ڇپيو.
4. تنهن کان پوءِ انقلابي ڪتاب (ڌرتي دين ڌرم) 1991ع ۾ ڇپيو.
5. گڏيل شاعري (ڏونئري ڏينهن ڏاڙا) 1995ع ۾ ڇپيو.

گوندر ويندا گذري جو ٻيو ايڊيشن 1992ع ۾ ڇپيو ۽ منشي جي وڇوڙي کان پوءِ وري ٻئي ڪتاب (گوندر ويندا گذري ۽ ڌرتي دين ڌرم) 2004ع ۾

اکر اکر کي اک

مون ڇپرايا. "گوندر ويندا گذري" ۽ "ڌرتي ڌين ڌرم" اهي ٻئي ڪتاب ڀهرين ۽ ڀوءِ نون ايڊيشن مونکي محترم علي نواز گهانگهرو جن پنهنجي اداري روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو طرفان ڇپرائڻ ڏيڻ جي خاص عنايت ڪئي آهي. ۽ هي ڪتاب به پاڻ ڇپرائي ڏنو اٿس. جنهن لاءِ آءٌ خاص ٿورائتو آهيان ۽ رهندس.

هن ڪان پوءِ به منشي جي اڃا ڪافي اوائلي ۽ نئين شاعريءَ جو مواد مون وٽ موجود آهي. سو به انشاءَ الله جلدي اوهان جي هٿن تائين پهچائبو ۽ ان ڪان سواءِ نثر ۾ به منشي جو هٿ اکر لکيل ڪتاب آهي. اُهو به ضرور اوهان تائين پهچائبو. ٻيو ته آءٌ محترم تاج جويو ۽ مير عبدالرسول مير جو پڻ ٿورائتو آهيان. جنهن قليل عرصي ۾ طويل مهاڳ لکي ڏنو. محترم حبيب قادر قريشيءَ جو پڻ ٿورائتو جنهن اکين جو نور نچوڙي هن شاعريءَ جي ڪتاب کي سهڻي نموني پايه تڪميل تائين پهچايو.

منشي پاڻ به جيڪي پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪتاب ڇپرايا انهن جا نالا پنهنجي ئي شاعريءَ مان ڪنيائين ۽ اسان به منشيءَ جي شاعريءَ مان "اکر اکر ڪي اک" جي عنوان سان هن ڪتاب جو نالو تجويز ڪيو آهي.

هن ڪتاب جي مواد لاءِ طارق منشيءَ جو سهڪار رهيو ته منشي ميموريل سوسائٽيءَ جنهان سومرو جو پڻ. بهرحال آءٌ انهن سيني دوستن جو ٿورائتو آهيان، جن هن ڪتاب جي سلسلي ۾ سهڪار ڪيو.

غلام محمد 'آزاد' سومرو

(پائچ منشي محمد ابراهيم)

15 جولاءِ 2006ع

راڳي ويراڳي شاعرُ

مُهاڳ

پنهنجي پهرئين شعري مجموعي "سُونهن ورونهن" جي سُڌ- ٻُڌ وٺڻ/ سارَ - سنڀارَ لهڻ لاءِ شاهه لطيف ڪتاب گهر حيدرآباد پهتس. اڄا ساهي ئي مَس پٽيم ته اُن ڳالهه نه رڳو حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو، پَرَ اُپساهي به ڏئي ڇڏي، جڏهن مون کي ابراهيم منشيءَ جي ٽئين شعري مجموعي "اکر اکر ڪي اک" جو مهاڳ لکڻ لاءِ چيو ويو، سو به هڪ هفتي ۾. ڇاڪاڻ ته 31 جولاءِ 2006ع تي سندس ٽين ورسي ملهائڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن ۽ اُن موقعي تي هن مجموعي جي مهورت به ٿيڻي آهي.

سوچيم: ڪٿي ايڏي وڏي قداور شخصيت، درويش صفت لاهوتي، ڪاهوڙي، مهان ماڻهو، ماروئڙن، سانگيئڙن جو ساٿاري، جهانگيئڙن، ڏوٿيئڙن جو هڏڏوکي، سنڌ جو سچو سپوت، قومي، بين الاقوامي شعور رکندڙ، اعليٰ اُتم انسان ۽ عظيم شاعر...! ۽ ڪٿي مان! هڪ ننڍڙو ماڻهو/ شاعر....!! ڇا لکندس! ڪيئن انصاف ڪري سگهندس، اهڙي ڪارونجهر جيڏي ڪَويءَ سان؟! سو انڪارُ ڪيم! تُپ انڪارُ!!

جناب غلام محمد "آزاد" سومري (ڀاڻج ابراهيم منشي) ۽ مانواري علي نواز گهانگهري اُهو ٻُڌائي منهنجو انڪارُ اقرار ۾ مٽائڻ جو جتن ڪيو ته منشيءَ جي هن مجموعي ۾ "ڪافين" جو به وڏو انگُ شامل آهي.

عاشق جڏهين محبوب جو ذڪر ٻُڌندو آهي ته باغ بهار ٿي ويندو آهي ۽ سندس انڪارُ به اقرارَ ۾ مَٽجي ويندو آهي. سو سنڌي شاعريءَ جي سدا سُهاڳڻ ۽ پنهنجي محبوب ترين صفت "ڪافيءَ" جو ٻڌي، هي مهاڳ لکڻ لاءِ دل ٻڌم، پر ٿوري وقت ۽ اُن وقت ۾ پنهنجي مصروفيت ڪي ڏسي، وري دل هٽي وينم! ليڪن هي ٻئي همراهه 'پنهنجيءَ' تان نه لٿا...! سو "جهڙو جهڙو حال حبيبان، تهڙو پيش پريان."

هون ۽ به ابراهيم منشي ۽ کي ڪنهن به تفصيلي مُهاڳ ۽ تعارف جي لوڙهه به ڪهڙي آهي؟! البت مون جهڙو خالي جهولي ۽ واري ماڻهو ۽ کي يوسف جي خريدارن ۾ شامل ٿيڻ جو شرف ملي رهيو آهي. شرف اُن ڪري به آهي، جو اڄ مان سنڌي ٻولي ۽ جي اهڙي شاعر تي به ٿي اکر/ مُهاڳ لکي رهيو آهيان، جنهن جي شاعري ۽ جي شروعات تڏهن ٿي، جڏهن مان اڃا ڄائو به ڪونه هئس! منهنجي لاءِ اهو به اعزاز آهي ته هن شاعر جي ڪتاب ”گوندر ويندا گذري“ جو مهاڳ سندس ئي نالي ٻيائي قابلِ احترام، سنڌ جو وڏو نقادُ، مفڪر، مقرر، مانائتو منڙو ماڻهو سائين محمد ابراهيم جويو صاحب لکي چڪو آهي ۽ اَڄ مان سندس شاعري ۽ جي ڪتاب ”اکر اکر کي اک“ تي پنهنجا ويچارَ ونڊڻ جي لاءِ سوچي رهيو آهيان. ڪجهه ماڻهو اهڙا به هوندا آهن، جو جڏهن ڪنهن موضوع تي ڳالهائيندا/ لکندا آهن ته ’پوءِ وارن‘ وٽ ڪجهه به نه بچندو آهي ڳالهائڻ/ لکڻ لاءِ! پر پوءِ به انهن کي ڪجهه نه ڪجهه ’هٿ پير‘ هڻڻو ئي پوندو آهي، منهنجو حالُ به ساڳيو ئي آهي!

1970ع واري ڍاڪي جي ڳالهه آهي، ڪنهن فنڪشن ۾ ابراهيم منشي ۽ کي ٻُڌڻ/ ڏسڻ جو موقعو مليم. هو اسٽيج تي پنهنجو ئي هڪ نظم ڳائي ٻُڌائي رهيو هو. هڪ سوز ۾ سمايل آواز- ٻيو شاعري، سا به منشي ۽ جي شاعري! ۽ اُن جي ادائگي....! اصل پنڊال کي پنڊ - پاهڻ Pin Drop Silence ڪري ڇڏيو هئائين ته رَڪي رَڪي ڌرتي ۽ جي نعرن سان فضا گونجي رهي هئي. سندس مترنم آوازَ ۾ جدوجهد جو جولانُ به هُئو ته آرٽ جو امڪانُ به. آجپي جو عنوان به هئو ته آزادي ۽ جو اعلان به، وڇوڙو ويراڳ به هئو ته مارُگ سان ماڳ به- لُنءُ لُنءُ جي لوچَ به هئي ته صدين جي سوچ به، سُونهن ورونهن جي واڳ به هئي ته جُڳن جي جاڳ به- پنهنجن جي پچار به هُئي ته ڌارين لاءِ ڌڪار به. سِرَ جي صدا به هُئي ته سِرَ تان سِرُ صدقي ڪرڻ جي سخا به، اُڌمن جو آڙاهه به هو ته پنيت پنيت باهه به! سندس آلاپ ۾ رنگ ترنگ به هئو ته الستي انگ به، هيرَنِ جي هُبڪارَ به هُئي ته موتئي جي مهڪارَ به. من اندر جي مانڊاڻ به هُئي ته اڪرِين جي آلاڻ به- مقصد ته سندس آواز ۾ بي انداز درد هُئو، ڪوئل جي ڪوڪ هُئي، دانهن هُئي، اڻ ڪٿندڙ رَڙ هئي! پياسُ هُئي، پُڪارَ هئي...!

سوچيم: هي راڳي ويراڳي شاعر اگر سنڌي شاعري ۽ جي سدا ملوڪ سُهڻي، مَنَ - مُهڻي ۽

سريلي صنف 'ڪافي' لکي، ان سحر بيان انداز ۾ آلاپي ۽ ڳائي ٻڌائي ته ماري وجهندو ماڻهن کي. صفا ڪُهي ڇڏيندو اهلِ دل، اهلِ ديد ۽ اهلِ درد وارن کي:

بنا ديدار دلبر جي، جِيڻ مشڪل، مرڻ مشڪل،
انگل آرا عجيبن جا، ڪٽڻ مشڪل، ڇڏڻ مشڪل!

فطرت پنهنجي اصولن موجب هر جاندار لاءِ جيڪي ٻه آپشن رکيا آهن، انهن مان هڪ آهي زندگي ۽ ٻيو موت! انهن آپشنز جو هڪ ئي وقت ميسر هجڻ فطرت جي عين اصولن جي اُبتڙ به آهي ته ناممڪن به- ۽ جڏهن اهي ٻئي حقيقتون ڪنهن جي لاءِ مشڪل ٿيو پون ته ان حالت ۾ انسان جنهن پوڳنا مان گذري ٿو، اُن جو اندازو يا ته پوڳيندڙ ڪي هوندو يا وري ڀڳوان کي!

'بنا ديدار دلبر جي، جيڻ مشڪل، مرڻ مشڪل!'

جڏهن جيڻ ۽ مرڻ اوکا ٿي پون ته اهڙي ڪيفيت ۾ ڪا به رنگيني، ڪو به واس، ڪو به ڪيف قلب کي قرار ۽ روح کي راحت نٿو ڏئي سگهي. جڏهن جيءُ ئي جهوريءَ ۾ جُهريل هجي، مَنُ ئي مانداءَ ۾ مُنڊل هجي ۽ اندر ئي اُڏمن ۾ اڏ ڪُنل هجي ته بهارون به خزائن وانگر ڪائينديون، گُل به ڪَنڊن جيان چُڀندا ته موسيقيءَ جا مڌر آلاپ به ماتم مثل لڳندا رهندا. چاڪاڻ ته انهن آسائشن جو اولڙو زندگيءَ سان آهي- عڪس به ڇتو تڏهن نظر ايندو جڏهن آرسي بيداغ هوندي، صاف هوندي ۽ سچي هوندي! پر جيڪڏهن آرسي ئي پُري پورا ٿي پوي يا انڌي ٿي پوي ته پوءِ عڪس ڇاجو؟! خود زندگي ئي جڏهن درد جو درياهه بنجي وڃي، بيمار ٿي وڃي ۽ بيڪار ٿي وڃي ته پوءِ سڀ حقيقتون ۽ رونقون بي عڪس ۽ بي رنگ ڀٽجيو وڃن!

وصال ۽ فراق 'ڪافيءَ' جا ٻه مُک موضوع هوندا آهن، پر منشيءَ جي ڪافين ۾ قوڙائو فراق ۽ وڇوڙي جي ورلاپن جا عڪس سرس نظر اچن ٿا:

اچا ڇو نه آيا، ويا دل دُکائي،
جيڏيون جن جي مون کي، جُدائي جلائي.

•

مَري ماءُ ويندس، ساموندن کي ساري،
ڪڏهن ايندا موٽي، وطنِ واڳ واري.

•

سانديِ سور سيني، جگر جيءِ جلايان،
ڪونهي حال پڇائي، ڪنهن کي سُڌ سٺايان.

•

عجب عشق تنهنجا، اورانگهي ڏٺاسون،
سوين سور صدما، مٿي سِر سٺاسون.

•

هٿي هوڏ هَليا، هُڙن کي هاڪاري،
ساموندي سفر تي، سڙهن کي سنواري.

•

رَتو رَت روئي، وَسي اڄ وساٽيون،
پيون پار پرينِ، نظرَ ڪن نماٽيون.

شاعري سهڻن احساسن جي اظهار جو نالو آهي، جنهن کي پڙهي/ ٻُڌي مَنَ جي ساري مونجهه مِٽجي وڃي ٿي ءِتن من جون تارون پاڻ مُرادو ڇڙي پَون ٿيون. سنگيت/ موسيقي به اُها خوبصورت شيءِ آهي، جيڪا ماڻهن جي مڙني حواسن تي حاوي ٿي وڃي ٿي- ابراهيم منشيءَ جي سموري شاعري، خاص طور تي سندس ڪافيون اهڙي ئي رس چس ۾ ٻڌل ڪافيون آهن، جن کي پڙهندي، ٻُڌندي ءِ جهونگاريندي سنڌ جا سمورا ڪلاسيڪل، نيم ڪلاسيڪل توڙي لوڪ ءِ عشقيه داستان ءِ انهن جا ڪردار ذهن تي تري اچن ٿا- هونءَ به لاجواب 'ڪافي' ڪنهن ڀاڳوند شاعر جي نصيب ۾ اچي ٿي، ڇاڪاڻ ته ان لاءِ اندر به اُجرو کپي ته ذهن به غلاظتن کان آجو کپي ءِ دل ۾ دُئي به نه هجي- ساڳي وقت شاعر جو باڪمال ءِ باڪردار هئڻ به ضروري آهي. "منشي" هڪ اورجينل ءِ باڪردار شاعر آهي، تنهن ڪري هُن جو ناتو ڪٿي به ڪافيءَ سان ناهي ٽٽو- هُو ڪامياب ڪافيار/ شاعر آهي ءِ سندس ڪافيون لَک لهن! هُن جي شاعري عام فهم به آهي ته فني ءِ فڪري حوالي سان مٿاهين مَقام واري به آهي، جنهن ۾ خوبصورت تشبيهن، ترڪيبن، تمثيلن، محاورن، پهاڪن، چوڻين، استعارن سان گڏ تجنيس حرفيءَ سان نڀاءُ جو وڏو فن آهي.

نرالا نيڻ نازڪ جا، نشانا ڪن نوان نت نِت،
سَٺي سا منهن سجڻ سهڻو، سدا سيني سنوان نت نت!

اڪر اڪر ڪئي اڪ

تيھ پنجتيھ سال اڳ منشيءَ کي ٻُڌو هئم، اڄ جڏهن مان سندس بنھ آڳاٽي/ شروعاتي شاعري جو مسودو پڙهي رهيو آهيان تہ ان ۾ بہ مون کي اُهي ئي عڪس ۽ اهڃاڻ 'جيئَن جو تيئَن' نظر اچن ٿا:

هن پيجري هڏن جي ۾، رَتَ ماس ڪٿي آهي،
جنهن جانِ ڏني، تنهن جو احساس ڪٿي آهي.

ڍائو هُو اچا ناهي، بيڪس جو لَهُو پيئندي،
پوري ٿي اچا ان جي، ڏس، پياس ڪٿي آهي.

هر روز ڪري قاتل، خنجر کي تِکو پيو ٿو،
منصوبو آ اٿپورو، تيو راسَ ڪٿي آهي.

جديد سنڌي شاعريءَ توڙي ان جي خوبصورتيءَ ۽ انوکي ادائگيءَ جي حوالي سان جن شاعرن سنڌي ماڻهن ۾ بي پناهہ مقبوليت ۽ مڃتا ماڻي آهي، انهن ۾ ابراهيم منشيءَ جو نالو وڏي اهميت ۽ نمايان حيثيت رکي ٿو. هي اُهو سادڙو، سپاجهڙو، سچو، سهڻو ۽ سيبتو ڏاتِ ڏٺي آهي، جنهن جي سموري شاعريءَ جو محوَر پنهنجي ڌرتي، پنهنجو ديس ۽ دلبر آهي. هُو پنهنجي دور جو اهڙو منفرد يگانو، بي خوف ۽ بهادر شاعر هُيو، جنهن کي وقت جو ڏاڍ، ظلم ۽ جبر جُهڪائي نہ سگهيو.

هُو جڏهن پنهنجي قومي، مزاحمتي ۽ باغي شاعري پنهنجي ئي سوز ڀربي آواز ۾ ڳائيندو هو تہ باندي خانن جي ديوارن کي بہ لوڏي ۽ ڌوڏي ڇڏيندو هو! منشي پنهنجي دَور جي تاريخ بہ هُئو تہ تحرير بہ، تحريڪ بہ هُئو تہ ان جي تعمير بہ هُئو! هُو وطن جي سرحدن، ٻوليءَ ۽ ثقافت جي سڃاڻپ بہ هُئو تہ محافظ بہ هُئو:

جيسين تندون ساهہ جون، آهن ساهہ سان سهمت،
رَتي روڪي نہ سگهندي، تيسين ڪا طاقت،
مِٽيءَ جي محبت، "منشي" ماني نہ ٿئي!

ابراهيم منشيءَ انهن سيني ڪردارن کي بہ ڳايو ۽ سجايو آهي، جن کي شاهہ سائينءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ امر بڻائي ڇڏيو آهي. سندس شاعريءَ ۾ مارئيءَ جي حب الوطني بہ آهي تہ سهڻي جي سِڪ بہ آهي ۽ نوريءَ جو نياءُ بہ آهي، ڪنهن وڻجاريءَ جا ورلاپ، آهون، دانهون ۽ اوسيئڙا بہ آهن تہ موکيءَ جي مَٽَ جي مَڌ جو مئو بہ!

اچو تہ سندس شاعريءَ منجهان ڪجھ شعر پڙهي ڏسون:

اڪر اڪر کي اڪ

عُمرَ، مُلڪ منهنجو، وَڻو وارياسو،
پيو راتِ پلٽي، پنهوارن جو پاسو.

•

ساهڙ ڏاران سيجَ آ سوري،
ملڻ ميهرَ سان حَجُ حضوري.

•

معاف ٿِيا محصول،
نيازَ نوريءَ جي ناتُ نمايو.

•

اجا ڪلهه ڊولئي، لڏيون مون سان لائون،
فراقن ڦُريس اڄ، ڪريان درد - دانهون،
اکيون آسري ۾ ٿَڪيون مون نهاري.

•

اجا وِهَه وَٽي لئي اندرُ ڪَنِ اُجارا،
مَتان پائين موکي - مُئا سَڀِ مَتارا.

ابراهيم منشيءَ، جيڪي نظم چيا آهن، انهن ڪان ڪو به اٽڃاڻ ڪونهي، اُهي ماڻهن جي ذهنن تي نقش ٿيل آهن، تنهن ڪري انهن جي اُپٽار ڪرڻ اجائي ٿيندي. هُو بيت ۽ وائيءَ جو به برجستو شاعر آهي ۽ انهن تي به گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو، پر جيئن ته ’روشني پبليڪيشن اداري‘ پاران مون کي محدود وقت مليل آهي ته ساڳي وقت اختصار لاءِ به چيل آهي، تنهن ڪري حوالي طور مان سندس هڪ بيت ۽ ڪجهه واين جا بند پيش ڪريان ٿو، جن ۾ به معنوي حسن جون ڪيترين ئي جهلڪون بنا جاچڻ جي نظر اچن ٿيون!

اکر اکر کي اک، مون جا ڏني ماڙهوئا!
چيتاري چت سان، پڙهي پوءِ پرک،
ڪَکَ جي هينان لَک، ڊڪيل آهي ڊولٽا!

•

ڏکويل هن ڏيهه کي،
مُرکن سان مهڪاءِ،
پوپٽ جهڙي پوپري!

•

سِنڌُ مٽيءَ جي خوشبو اهڙي،
جڻ پيو مشڪ ٻري،
ناهي پنڌ پري!

•

منهنجي مُٺي ڪان پوءِ،
گيت منهنجا پيا گونجندا.

ابراهيم منشي ديس جي دُکن ۽ دردن سان گڏ آسُن ۽ اُميدن جو پڻ شاعر آهي. جنهن جي شاعريءَ منجهان سنوبين چنڊ ستارا اُڀرن ٿا ۽ ڏيهه کي روشن ڪن ٿا. سندس وايون جمالياتي، رومانوي ۽ عوامي به آهن ته قومي ۽ مزاحمتي پڻ:

ٻاڙهي سج جيان، ڳلَ به ٻاڙها،
مشعل مُنهن ٻري،
ناهي پنڌ پري!

منشيءَ جي ٻاڙهي ڳلَ جي ٻاڙهي سج سان تشبيهه به شيخ اياز جي تشبيهه ”آ رَتُ ۾ خوشبو مينديءَ جي“ وانگر ڏاڍي مانتائي به آهي ته جمالياتي سان مزاحمتي به.

منشي جي واين وانگر هن جا غزل پڻ جماليات جي رَسُ ۽ رنگ ۾ ٻڏل غزل آهن. جيڪي هڪ پڙهندڙ کي پاڻ ڏانهن ائين ڇڪين ٿا جيئن شمع پتنگن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي.

گلبدن گسَ تي گڏيو، ڪو گل گلابي جي مثال،
منهن مِني محبوب جو هو ماهتابي بي مثال.

•

عجيبن جي اکين ۾ هو، عجب اِسرارُ واهه ڙي واهه،
سبز پوشاڪ سهڻل کي جسم جنسار واهه ڙي واهه.

•

ڇا ڪريان جنت پلاءِ ۽ ڇا جهنم کي ڪندس،
تو سواءِ آرام ڪٿِ، ايندو نه دل بيمارَ کي.

•

مِنا! منشيءَ سان محبت جون گهڙيون گڏجي گذاري ڏِسُ،
حياتيءَ تي ٻَقا ناهي، دنيا دو رنگ، ڏاهو ٿي.

ابراهيم منشيءَ جي شاعريءَ ۾ نه صرف خارجي، پر سندس داخلي ڪيفيتون به شامل آهن. جن کي پڙهي اُلڪن ۽ اوسيئڙن، سڏڪن ۽ ساروڻين، خوابن ۽ خيالن کي پليءَ - پٽ پر ڪي سگهجي ٿو.

ابراهيم منشيءَ جهڙا شاعر سنڌ جي ضميرَ جو آواز آهن - جن جي سموري شاعري سنڌي علم، ادب ۽ شاعريءَ سان پيارُ ڪرڻ وارن جي لاءِ واٽَ جي لاٽ آهي.

هو سنڌ جو اهو مهندار شاعر ۽ محبتي ڪردارُ آهي، جيڪو پنهنجي شعرن وسيلي پنهنجي قول ۽ فعل وسيلي ڪوتائن ۽ ڪردار وسيلي اسان سان گڏ آهي ۽ گڏ رهندو.

منشي اهو شاعر آهي، جيڪو راڳي به آهي ته ويراڳي به:

ورهه جي واڳي،
پرين پارائي ويو!
اڳيان پويان انهن جي،
وتئون ويراڳي!
منشي پرينءَ پار جا،
رهون ٿي راڳي!

مير عبدالرسول "مير"
نواب شاهه
10 جولاءِ 2006ع

پرنسپال
گورنمينٽ سچل سرمست سائنس،
ڪامرس، آرٽس ڊگري ڪاليج
نواب شاهه

بيت

اکر اکر کي اک، مون جا ڏني ماڙهوئا!
ڇيتاري ڇِت سان، پڙهي پوءِ پرک،
ڪک جي هينان لک، ڏِڪيل آهي ڏولٽا!

❖

بيتن ۾ ٻر ۽، بيتن ۾ برسات،
جي ڦاٽي تہ ڦاڪون ڪري، جي برسي تہ ڪيا بات!
مون رت روئي رات، ٻنا سڀ ٻوڙي ڇڏيا!

❖

ٿر نہ ونو، ٿوهر سُڪا، گُهوماٽيا گگدام،
نہ ٻلاريون ٻاڪَر ۾، سٽُجن صبوح شام،
آهُن جو اگهام، آلله! ڪر احسان سان!

❖

ڇاتيون ڇُلڪن ڇير تي، جيئن واڇوڙيءَ جو واءُ،
ڦِري جيئن ڦِرڪٽي، تيئن ڦريو ڏي ڦيراءُ،
هٿين پيرين جو رڃي، حُسن جو هُڳاءُ،
هٽيو دِلين داءُ، ڇَڪا ڇڏايو ڇڏي!

❖

ٻلا ٻليءَ جو ڇيھ، ڇوري توتي ڇيھ ٿيو،
ڪٽي ڪاڪ محل ۾، شرط لڳائي ويھ،
ٻلي ڏسي ڏيھ، ڪيئي دسبا داسڙا.

❖

آتڻ ويا اڪوڙجي، وينيون آھن وانديون،
ڪن مَنھ ۾ مارڪا، ھاٽي ھيڪانديون،
جن روپئي سان رانديون، سي سِڪن سِڪي ھيڪڙي!

❖

ٽِڪڻ متي توڪري، ڇورِي وڪِٽي گُل،
مالھڻ منھن ٻري پيو، جھڙي ٽانڊين چُل،
جواني ڪائي ٻُل، ڇوريءَ جي ڇاتيءَ منجھان!

❖

گھمنڊ ٻريل گھوڙي ڪي، اتي ڏي آلياڻ،
اڄ ڪپي ٿو اھڙو، سِر قربو سرواڻ،
وانجھيا نہ وينجھارن جا، اجا نپٽ نياڻ،
سنيالي سُڪاڻ، ٻڏندي ڪي ٻاھر ڪڍي.

❖

ليڪڪ لِکن ڪونہ، سڄ سمورو سون،
اجا آھي اُنھن ڪي، آرائش جي اون،
اجا پِتل، سون، ڪني ڪوناريءَ ۾.

❖

انگ انگ ۾ سؤ رنگ، رنگ رنگ ۾ سؤ رنگ،
ڏسڻ سان ڏنگيو وڃي، ڏنگ نہ جهڙس ڏنگ،
موسيٰ ۽ مسيح جِها، تانگهي ۾ ٿيا تنگ،
اُنهون اچا اڳي ٿيو، جت نہ دَڙي دنگ،
جتي سون ورنا سنگ، سو ڏيھہ اڃا ڏور ٿيو!

❖

اوکا اکر نہ آک، قابليت جي ڪانٺي ۾.
پِريتڻو ڪر پڌرو، رتي نہ پويان راک.
ساري تنهنجي ساک، آهي ئي اگهاڙ ۾.

❖

صبر آهي قبر ۾، صابر سالڪ سو،
جتي نينهن نِهو، اتان آٽي سُوڪڙيون.

❖

سُگهڙ سپ سَگها ٿيو، نہ ڏبرن کي ڏوليو،
جنهن مان ٻوڊي ڊءُ ٿئي، ڳالھہ اُها ڳوليو،
چو ٿا لاش بياس ۾، راوِي ڏي روليو،
پائي آئين پنج نديان، پيرن ۾ پوليو،
ڪو نہ ايندو ڪاڪ تي، ڊنڻ ڏٽي ڊوليو،
چوليو اچا چوليو، من ڪو جاڳي جندڙو.

❖

جزا جي سزا، ڪير ڏيندو ڪنهن کي،
اِهي آهن عقل جا، مٺڙا مزا،
جنهن نيت منجهه نزا، سو اُت ڪين قبولبو.

❖

جوڳي ماري جڪ، هلي آيا هنگلاج ڪان،
محبت جي ميدان جي، مُک نه مڪيائون مَڪَ،
ٿيا ٻُڪن ٻَڪ، رهيا رام، رحيم ڪان.

❖

جنهن تڪيو تاج محل ۾، تنهن ڪان مٺ ميران،
هن بخمل پاتا بدن تي، هُن لَٽا ڪيا ليران،
جيئن ورن سمنڊ ويران، تيئن تند ٻرائي تانبرو.

❖

پلي ڪاهي قافلو، چڙهو چوٽان چوٽ،
ڪٽي وجو پيا ڪٽ تان، گهوڙا منهنجو گهوٽ،
مرڻ ڏاران موٽ، ڪين برهمڻ باسيو.

❖

نڳن ناهي رکيو، نڳيءَ جو ناٺو،
آٽين پنهنجي ارتيءَ لئه، ڪانين جو ڪاٺو،
برهه جو باٺو، ڇَرين ڇڪيو ڪين کي.

❖

جيسين تندون ساھ جون، ساھ سان سھمت،
رتي روڪي نہ سگھندي، تيسين ڪا طاقت،
ذرتيءَ جي محبت، منشي! ماني نہ ٿئي.

❖

پيڙ پڙڪا پُونءِ تي، پُونءِ سڄي پونچال،
ڪيڏو آھي ڪال، ميان، هِت ماڻھن جو.

❖

ھماليہ ھٿي وڃي، ڪائي سوس سمند،
سانديم جيڪا سنڌ لئہ، اندر منجھ اُڪند،
ٿي ويئي پھڻ پند، پڙتان پري نہ ٿئي.

❖

سونا پڙچ سِنڌوءَ جا، ميڙيا جي تو مال،
آجا سنڌوءَ ھنج ۾، ھيرن موتين ٿال،
سودا آھن سِرن جا، ھاڻ ٿي ھن سال،
جر اسان جو جال، قيد نہ ڪري سگھندين.

❖

چاھت آ چقمق، ڳجھاندر ڳنديو چڏي.
محبت جي مقناطيس ڪي، ڊڪئي اچي نہ ڊَڪ.
وڃي ڪِين وجود مان، مرڻ ٿائين مھڪ.
ڪڏھن ٿئي نہ ڪڪ، جڏھن نينھن ناپون ھٽي.

❖

مارئيءَ کي ميري، متان چئو ماڙوها!
بازن سان ٻيري، وڙهندي کي وَره ٿيا!

❖

نه ڪا رڙ، نه ڪا ڪُوڪ، نه ڏک، نه ڏوراپو،
لڳي ويو لنئون جو، ڇاتيءَ تي ڇاپو،
سار تنهنجي سُپرين، جِيءَ جو جياپو،
ڏُلهه نه ڪو ماپو، محبت جو منشي چوي!

❖

گَرو، واهه گُرو، گُروءَ ڏسيم گسُ،
ڪڏهن ڪوڙو نه ٿئي، سندو ڏاهي ڏس،
پَريان اٿي پَس، گُرو گوبند گڏ ٿئي.

❖

پيو سونڪو ساهه ۾، انگجي ويا انگ،
جوٽي اٿئون جِيءَ سان، جيئڻ -مرڻ جنگ،
ڪيڏا روپا رنگ، سلهاڙيل آهن ساهه سان.

❖

جِيءَ ۾ جاني جل ايئن، ڪامي جيئن ڪُورو،
ڏوٿي رک ڏکن تي، ڪو ٻاجهه ٻريو ٻُورو،
ساجن سمورو، وڃي درد دفن ٿي.

❖

تر تراهت تر ۾، تاريلن جا تاڪ،
ڏرني ڏبي، ماڻهو مُئا، چونئرا چڪنا چاڪ،
پنوهر منهنجا پاڪ، اڏ اگهاڙا انگڙا.

❖

جهونجهڪڙي ۾ جن تي، جُهلي آئي جُهل،
تنين ڪنڌ نہ ڪديا، نہ ڪي وينا چُل،
تيا مُل آمل، آچيؤن آزاديءَ ڪي.

❖

چنڊ، مون سان ونڊ، سارُون سپيرين جون،
چوليون چُلڪيون ايتريون، سينو سپ سمنڊ،
ڪنهن مانديءَ منڊي منڊ، ملڻ ۾ ملال ڪيو...!

❖

ويٺي وٺي واڻ، ڪاڙهي ۾ ڪنهن ڪاڻ،
ٻچا آهن ٻانهن ۾، ست صغيرا ساڻ،
اونو انگ ڏڪڻ جو، پيٽ بہ پاري پاڻ،
سودو سورن ساڻ، آئي ڪري الست ڪان...!

❖

ڦيرايو ڦڙهي جون، ڇيتون تي ڇلي،
سٽي ڪٽي سنهون ڪري، ڪري پاٽيءَ جي ٻلي،
وٽي، ويٺي وڪڻ، تہ ڪر بينو ڪلي،
منشي نٽي ملي، مزدوري هن ملڪ ۾...!

❖

وايون

راڻا تنهنجا رنگ،
عرش مٿي اظهار ٿيا!

تنهنجي پوڪيل پوڪ پچايا،
سون ساريڪا سَنگ.

نيلن سان نہ نبري سگهندا،
ايڏا تنهنجا انگ!

هيڪڙائي جا هوڪا ڏيئي تو،
ڪڍيا ٻيائيءَ ٻنگ!

جنهن جي جلوي جڳ جرڪايا،
منشي تن ڪان منگ!

✣

هير هوائون ڪاءِ، پوپٽ جهڙي پوپري،
هير هلورا ڪاءِ

جوين جيڪي ڏينهڙا - پري ٻين وڄاءِ!
پوپٽ جهڙي پوپري!

سڪٽي هن سماج سان - تنهنجو وڃي ڇا؟
پوپٽ جهڙي پوپري!

سجدا تنهنجي سونهن کي - جاني جاءِ بَجاءِ!
پوپٽ جهڙي پوپري!

ڏڪويل هن ڏيهہ ڪي، مُرڪن سان مهڪاءِ!
پوپٽ جهڙي پوپري!

ڪهڙيون ڄٽيون ڪاميٽون، منشي مِٽي ماءُ!
پوپٽ جهڙي پوپري!

❖

وِرهہ جي واڳي،
پرين پارائي ويو.

مر مران نہ ٿيان،
دوست اڳيان داڳي.

ويهي وهايان راتيون،
جانب لئہ جاڳي!

سورن مون سان ساٿ ڪيو،
سسئيءَ جان ساڳي

اڳيان پويان انهن جي
وتئون ويراڳي!

منشي! پرين پار جا،
رهون ٿي راڳي.

❖

ڏڙاڏڙ ڏاڙا،
لڳن ڪيڏا لوءِ مان!

سورن جا سانگين ڪي،
سيني ۾ ساڙا.

انگهن ۾ اٽڪي پيا،
انگن اگهاڙا.

رٽن ۾ رلي ويا،
راڄ رڄواڙا!

ڏٽي ڏاڙيلن سان،
جُٽ ٿيا جاڙا.

هٽي وينا هٽن سان،
ٻوٽن ٻوٽاڙا.

پيلين پيا پُونءِ تي،
وانگين جا واڙا.

ڪيسين منشي قوم تي،
اِن پر اُماڙا!

❖

شاهہ بندر جي شامہ،
تون راڏا، آئون شيامہ!

گيڙوءَ رتا ڪپڙا،
اوڍيون تن تمام.

نڪي اونو آب جو،
نہ ڪو طمع طعام.

ڇيڙي ساز سرير جا،
پِيون جامن مٿان جام.

نڪي اُلڪو اوّل جو،
نہ ڪي آخر جو انجام.

پر، ڇا ڪريان پيار آ پيارا،
مٿيءَ ساڻ مُدام.

جَي سِر گھوري ويا سنڌ تان،
سئو سئو تن سلام!

آزادي اڪيئن ڏسان،
الله اڻين ڪجام!

غلامي جي غم جي،
ڪانئي منشي ڪام!

❖

سُرهو سَرنهن جو ساڳ، الا!
ساريو سِڪان ٿي سومرا!

ڪديو تيل ترن مان،
ڏنا دوديرين داڳ، الا!

وايون وهاٽيءَ شاهه جون،
راڻو ڳائن راڳ، الا!

ڪڙيل قابو ڪوٽ ۾،
پينر منهنجو پاڳ، الا!

منشي مارن سان ملان،
موٽي پنهنجي ماڳ، الا!

✣

زور جي اڳيان زاري، ڪانہ هئي تو منڊ مرڻ جي
ڪانہ هئي
تنهنجي ويل وڃڻ جي

ماءُ پيءُ ۽ يارن لاءِ
قيامت ٿي ڪاري.
ڪانہ هئي......!

اڃا گونچ گلاب هئين تون،
مڪڙي ٿي نہ موچاري!
ڪانہ هئي......!

اي مان اُيري چنڊ جو چمڪيو،
آئي تنهن تي انڌياري!
ڪانہ هئي......!

منشي موت تہ اچڻو آ پر،
موت هي ڪاري ڪٺاري!
ڪانہ هئي......!

❖

(عبدالحميد آخوند جي جوان پٽ جي وڇوڙي تي لکيل)

موٽي اچن ميان، تان تہ ٿيان.
جيئڻ جهڙي جيڏيون!

پٽي جا پيرن جي،
ڏوئي پاڻ پيان، تان تہ ٿيان،
جيئڻ جهڙي جيڏيون!

هو ڏسجن ڏيساور ۾،
هت مون کن ڪِينئان، تان تہ ٿيان،
جيئڻ جهڙي جيڏيون!

مهماني محبوب لئہ،
لاهي لحم ڏيان، تان تہ ٿيان،
جيئڻ جهڙي جيڏيون!

منشي مهندان محب جي،
باندي جيئن بيهان تان تہ ٿيان،
جيئڻ جهڙي جيڏيون!

❖

اگهور ننڊ مان ياڳيا جاڳيا، چورا چرڪ پري،
ناهي پنڌ پري، وڇان ڪير وري!

سنڌ مِٽيءَ ۾ خوشبوءِ اهڙي، جڻ پيو مشڪ ٻري،
ناهي پنڌ پري.....!

سنڌ وراڪو ڪنوار ڪنڌيءَ تان، سيڪو سِير تري،
ناهي پنڌ پري.....!

سر سِنڌوءَ تان صدقو صدقو، مري ڳالهه ڪري،
ناهي پنڌ پري.....!

ڳاڙهي سج جان ڳل ٻه ڳاڙها، مشعل مُنهن ٻري،
ناهي پنڌ پري.....!

منشي مانو عشق نہ جنهن جو، ساعت تنهن نہ سري،
ناهي پنڌ پري.....!

❖

ٻوهي! اٿنئان ٻوهہ،
متان ڪريو ماءُ سان!

سازش ٻيم آ سنڌ سڪائڻ،
ڏيندا ڪنهن کي ڏوهہ؟

ڪيـن پلاند پراڻا تيندا،
هلي چنڊبا چوهہ!

ڪونڌر پنهنجي قوم تان،
لنگڻ لاهيو لوهہ!

منشي! ڏاران ماڳ جي،
متان مٿيو موهہ!

❖

جنهن ماريو، تنهن جياريو،
قول قريبن پاريو!

شوق ڪري نہ شراب کي پيتم،
پرين پاڻ پياريو!

مَئي مان ملي مدهوشي اهڙي،
جنهن ڏيهہ نہ ڏنل ڏيکاريو!

سور ۾ سُهمان سر تي سنم جي،
تن ئي وصال کي واريو!

منشي مئي پِي ميخانہ مان
پنهنجو اندر اجاريو!

❖

منهنجي مٿي ڪان پوءِ،
گيت منهنجا پيا گونجندا!

لڙڪن کي لارون ڪري،
ڪوبہ نہ مون لئہ روءِ!

روئي روئي رت ڦُڙا،
ڇڏيم ڏرتي ڏوءِ!

پنيت پڙڪن پُونء تي،
لهسي ساري لوءِ!

بسنت رُت جون بوندون ايندیون،
هيرن ساڻ هُڳوءِ!

منشي مور نہ مرڻو آ،
توڙي نہ حياتي هوءِ!

❖

ڇيڪ چارين ٽيون ڇيلڙا، ماروئڙيون ته ملير ۾.

سانيڪن تي سنڀريون سويري، ٻانهياريون سِر ٻيلڙا،
ماروئڙيون ته ملير ۾...!

موتين ساڻ مڙهيل ٻماروئڙيون، سهڻا سِر تي سينهڙا،
ماروئڙيون ته ملير ۾...!

آئون ڪَڙن ۾ قابو آهيان، پيرين پيئڙا پيڪڙا،
ماروئڙيون ته ملير ۾...!

منشي مولا ماروئڙن سان، موٽي ڪندو ميلڙا،
ماروئڙيون ته ملير ۾...!

❖

ڪافيون

مري ماءُ ويندِيَس، ساموندين کي ساري،
ڪڏهن ايندا موٽي، وطن واڳ واري!

ڇني مون ڇڏي ويا وڻجارا وڇوڙي،
مَکي پنهنجون مڪڙيون ويا مونا موڙي،
اونهي مان انهن کي الله شل اڪاري!

سُڃا تڙ ساموندي ڪري ڪالهه هليا،
جهليم جهول پائي مگر ڪين جهليا،
ڇڏيم رات روئي گوندر ۾ گذاري!

اڃا ڪالهه ڊولئي لڏيون مون سان لائون،
فراقن ڦريس اڄ، ڪريان درد دانهون،
اڪيون آسري ۾ تڪيون مون نهاري!

اتر مند آئي رولي ٿيا روانا،
انهن ري بزاريون، بندر سڀ بيگانا،
مون کي تن جي منشي محبت ٿي ماري!

❖

هٽي هوڏ هليا هُڙن کي هاڪاري،
سامونڊي سفر تي سڙهن کي سنواري!

پري ٻيڙيون ويا ولاتي وکر سان،
الوڙي اُونهي ۾ الف جي اکر سان،
ڪتوري پري ويا ڪٽي ڪيپ ڪاري!

جدائيءَ سندا جل جگر ۾ جڳائي،
پُريا سي پرانهُون پرين پيچ پائي،
تنين لئه منهنجو تَن تڙن تي تنواري!

اُتر چانپ اديون! ڏِهاڙي ڏنيي ٿو،
منهنجو روح تن لئه رَڙي ۽ رنيي ٿو،
خدا خير سان شل وري تن کي واري!

صفا سُور سنگهرون سامونڊين جي صحبت،
گڏيندا گوندر ۾ نه هلندي ڪا حجت،
مون کي تن جي منشي محبت ٿي ماري!

❖

معاف ٿيا محصول، نياز نوريءَ جي ناٿ نمايو!

ڄام ڪلهي ۾ ڪُڙهُيون ڪوليرا، ڪينجهر ڪپ تي ڦريو ڏي ڦيرا،
ڇڏي تڪيا طُول، شاهه، شڪاري شوق بڻايو!

سهسين سمين سينگار سنوايا، نوريءَ اباڻا ويس جي پايا،
مي پيئي مقبول، گاڏيءَ چاڙهي گندريءَ گهمايو!

سَوَن سَمين ۾ مُرڪي مهاڻي، راز نياز ڪئي راڻين جي راڻي،
محبت ۾ مشغول، ريب روحانيءَ راءُ ريجهايو!

محرم منشي مڙئي مهاڻا، ڄام سمي جي ساهه سيباڻا،
عشق ڪيا انمول، پينر آهي ياڳ پڙايو!

❖

عمر ملڪ منهنجو، وڻو وارياسو،
پيو رات پلٽي، پنهوارن جو پاسو.

ڀَهون پرھ ڏيئي، ڀِهرايون پنهوارين،
ٽِڏي ٽَرِ ٽاربليون، ڇنيون ڇيڪ چارين،
وريو واءُ وطن تي، ڇڳو اڄ چؤماسو.

سُيمر رات لوليون، ڳنوارن جي ڳايون،
ڀِٽن پر ڏرازن، رهاٽيون رچايون،
اُتي مون کي ڀهچاءَ، نہ ٽي بي قياسو!

ڪُنيس تنهنجي ڪونين، مان ڪوڏير سارِيان،
ڳاڳيون ڳم ڳاڳا، ڳٽيو ڏيل ڳاريان،
مُنجهي ماڙين من، پکن جو پِيا سو.

تنهنجا سون سڀ، سومرين کي سونهن تا،
نہ هي ويس تنهنجا، ويڙهيچن وٽن تا،
مِٺي منشي مارن جي محبت جو ماسو!

❖

تُنهنجي پَٽ کان پِياري، پنهوارن جي پوٽي،
جا مون ڏاڍڙي تي، ڏٽولين سان ڏوٽي.

سِڪان مان سنگهارين، سندا ساڳ ساري،
پٽن مان پٽيا جي، پنهوارين پلاري،
جهِجان ساريو جهڻ، اباڻن جا اوتِي.

وڏيون ڪنهن نہ ظالم، زنجيرن ۾ زالون،
وطن لئہ وڄهايان، ڦيرن کان فالون،
عمر مان اباڻن ري آهيان آڏوتي.

پٽن پر پليري، بوٽيندڙِ جي پُون پُون،
تنواريو تڙن تي، چوي تور تون تون،
پکي مک مارئي، موتي چوندڙ موتي.

نہ هي مور منشي، ويڙهي وار ويهي،
متان ڏينِ منهن ۾ ڏوراپا ڪي ڏيهي،
تا ربلين ري تيندي، فراقن ۾ فوتي.

❖

SOORIH SINDHI ADAB

من ۾ محب ميهار، ڏم ڏوراپا ڏيئي ڇا ڏيندو!

اَلَستُ بِرَبِّڪُم امر الاهي، قالُوا بلا چئي مون لنئون لڳائي،
ڀاريان سي اقرار، ڇولين ۾ سو ڪِين ڇَڏيندو!

ساهڙ ڏاران سيج آ سُوري، ملڻ ميهر سان حج حضوري،
جن نينهن ڪيو نروار، تن کي واهڙ جهلي ڇا جهليندو!

لُڏيس ڇاهي، ٻڏيس ڇاهي، هِتي هُتي هُو ميهر آهي،
واڳن سان وهنوار، قرب وارين ري ڪير ڪريندو!

محبت منشي ڪئي جن من سان، آهي انهن جو ڪم ڪُنن سان،
لڳي جن لَغار، ٻلي ٻلا تنهن ڪير ٻليندو!

❖

SOORIH SINDHI ADAB

گھڙي ساڻ گھڙي، گھيرن گھائي گھمائي گھاگھر!

سينڌ پٽيون سينگار سمورا، پاٽي پُسائي ڪيا پل ۾ پورا،
جھولن وڏيس جهَڙي، جھُور جھُري ٽيا جھُومڪ جانجھر!

واڳُن وچ ۾ وات ورايا، سهسين سيسر سنهري آيا،
هي تہ دريا ۾ پيئي دڙي، ساهڙ سِير ۾ ساٽي ٽي ساجهر.

عرصي ڪان هي آر اڙانگا، تريا مون ٽي تار ۾ تانگھا،
لهرين اڄ مون لڙي، ساهہ سڪايو صاف سراسر!

چلڻ چُڪا ٽي چُور چُرڻ ڪان، سَنڌ سُڪي ٽيا ساٽا سُرڻ ڪان،
تار اندر پيئي تڙي، منشي مِڙيا جي مُٺيءَ تي مانگر!

❖

ڙاٽا توريءَ رات، وِرهه وارين جي ڪيئن وهائي!

توسان سُکن لئه سنگ ڪيم تو، سور ڏنا سوغات،
ڇيري هٽي وئين ڇاٽي واٽي!

اُپي اُپاريم نکت نَئِي ويا، پرهه ڦُٽي پرڀات،
سُورن ساڙي ڪئي آ ساٽي.

طُول تکيا تورِيءَ ڪين وٽن تا، ظاهر ٿي ظُلمات،
ڪامل تورِيءَ ڪاڪ ڪوماٽي!

منشي چوي ڪڻ مومل مُرلي، برهه واري ڪر بات،
جانب ڪارڻ ٿي جوڳياڻي!

❖

کاهوڙين جي ڪير، رنگپور ڏي تي رات رواني!

هينئڙي هُتي جو هُل ڪنيائون، گِيرب گاءُ سڀ گُل ڪَيائون،
دم نہ ڪيائون دير، فرق ڪڏي ٿيا فِڪر ۾ فاني!

جِيءَ ۾ جاڳائي جوت جمالي، حاصل ڪيفيت ڪيائُون ڪمالي،
ماڻي سِريءَ جو سير، هڪل اناالحق ڪيائون حقاني!

ڏُٿ لڏائون ڏونگر ڏوري، پڇن پراهون اُيا نہ اوري،
جت نہ پکي جو پير، ماڳ اُنهيءَ تي ٿيا مرد مڪاني.

پيرين پُراٽيون ڇِنل ڇالون، ڳالهائن پيا ڳُجهيون ڳالهيون،
ڪير سڃاڻي سي ڪير؟ صورت صاف صفا سلطاني!

منشي مخفي مام انهن جو، نينهن نئون هر شام انهن جو،
هُو، هُو سندي تن هير، ڪنڌڙا ڪوري ڪن قرباني.

❖

جوڳي جُوءِ چڏي ويا جي جبروتي،
موٽي ماڳ ڪڏهن ايندا ملڪوتي!

سامي سُورن جا ٻارڻ ٻاري ويا، مرلين ساڻ منهنجو من ماري ويا،
ڏِٻرو ڏيل ڏکن منجهہ ڏاري ويا، هئي هَئي هاڻ هتان ويا اٿم هاهُوتي!

ڪن ڍار ڪنوٽيا ڪن چِير ڪٿي، گُرسان گڏجي ٽيا سي گيڙو گير ڪٿي،
مڙهين ماٺ ڏسان ويا مهمير ڪٿي، ويئڙا نيش نپائي ننگ ناسُوتي!

ڪينر ڪاپڙين جا اڄ ڪين وڃن، خالي خاڪ ڏسان منجهہ ماٺ مڙهين،
پورب پنڌ پُڇن سي سُڪ ڪيئن سُمهن، لاهي لال لاڳاپا ويا لاهوتي!

سُڄ ۾ سَين هٽن سامي صاف سڄي، سي پيئمال ٽين پڙ ۾ پاڻ پڄي،
منشي راس رياضت ۾ ٿيا سي رڄي، آٽيو اَمل ڏين اِنَ ٻر آدوتي!

❖

سُلفيون سَرڪلياڻ، مڙهين ۾ ويا ڇڏي موالي!

گانجا ڀِي جي ٿيا گاروڙي، ڪانئي خوديءَ ڪي ٿيا ڪاهوڙي،
ڄاڻي وَڃائي ڄاڻ، حاصل ڪيفيت ڪيائون ڪمالي!

چرس چندُوءَ سان چاهه رکيائون، ڀِير، براندِيءَ عام اوتيائون،
ڪڏين نه ڪنهن جي ڪاڻ، قادر جي ڪن قربئون قوالي!

ڀَنگ ڀِتارِي پيتئون ڄاڻي، تاڙِي ڏوڏِي اوتين آڻي،
پنهنجو سڃاڻن پاڻ، جِيءَ ۾ جاڳائي جوت جمالي!

مَئي جا منشي مَت ڇڪائي، وتن وصالي لوڪئون لڪائي،
سِر رکي سانداڻ، صاحب اڳيان سي سُونهن سُوالي!

❖

سُمهہ نہ رات، اکين مان ڇڏ ننڊ اُکوڙي!

وَنحنُ اَقربُ ويجهو آهي، پنڌ پراهون ڪرين ڪنهن لائي،
من ماري ڪر مات، ڇانگون هِتي جون ڇڏ سڀ ڇوڙي!

ٻَن ٻِيائي ڇڏ تون ٻاري، هنجون هيڪڙائي وٺ تون هاري،
تَن پريان جي تات، جِيءَ ۾ رک تون جانب جوڙي!

آئون، اسين ڪڍ قلب مان ڪوري، صاف صفا ڪر سينو سوري،
سور سمجهہ سوغات، ويهہ نہ ڏکن کان مُنهڙو موڙي!

منشي رک تون من ۾ محبت، ٻُڌ نہ ٻُڌاءِ شڪوه شڪايت،
وڃ ڪُسي ري ڪات، لڳ لاڳاپا لوڪ جا ٽوڙي!

❖

گهِڙ مانجهي تي مهراڻ، اصل اهجاڻ، اُونهي جا آڻ،
هَنجن هميشہ هير هُتي جي، هِتي ٻگهن جا ٻاڻ!

حسب نسب ۾ آهين حضوري، پيهي پاتار ۾ ڪر تون پوري،
ڪُندي ڪُنڊي لهہ ڪاڻ، اصل اهجاڻ، اونهي جا آڻ!

ڄاڄر ۾ پيا پائن ڄائي، ڪانيرا ڪن ڪِينَ ڪمائي،
ڇڏ ڄاڄر جي ڇڪتاڻ، اصل اهجاڻ، اونهي جا آڻ!

لکين لڙهايا لڙهہ لهوارا، اڄي ڇڙهي ويا اڄا اوٻارا،
سڪ سيني ڪڻ ساڻ، اصل اهجاڻ، اونهي جا آڻ!

گهيڙ گهڙڻ لئہ پڇين تو ڪهڙا، منشي مخفي منّن ميڙا،
ڇڏ جلدي ۾ جنهاڻ، اصل اهجاڻ، اونهي جا آڻ!

❖

اڃا ڇو نہ آيا، ويا دل ڏکائي،
جيڏيون! جن جي مون کي، جدائي جلائي.

عجيبن لئہ آئون تکيان روز راهون،
ڏکن درد ڏونهان ڪري دل تي ڏانهون،
سگهو محب مونکي، تون مولا ملائي!

سدا جن سفر جي رهي وات وائي،
اديون! مون انهن سان آهي لئون لڳائي،
متان پرديسين سان پلئہ ٻي ڪا پائي!

وڇوڙا ورهين جا سهي سڪ نہ لاٿم،
وري داغ فرقت وڪوڙي جو ورتم،
ڀُلائڻ سان جن کي نہ ٿي دل ڀُلائي!

محبت ۾ منشي صبح شام ساريان،
ڪري ڪانگ قاصد انهن لئہ اڏاريان،
ويٺي دل وِرهہ ۾ واڊوڙِي واجهائي!

❖

نہ ڪج تون نماڻيءَ، سان نينهن جو نبيرو،
ٻلا ٻال ٻانيان، ٻچج ڪِيمَ ٻيرو!

ڀرين ٻيار ڏيئي سگهڻ تو سيڪاريو،
ٻيالو ٻرت جو ٻرين! تو ٻياريو،
سڄڻ سار لهجو سڪايلَ سويرو!

ڏيئي لِک جا لاڙِي، ڏَکِي تو اگهاڙي،
اوهان جي مان آهيان اڱيارِي ٻڇاڙي،
ويهان ڪيئن ڇڏي مان ٻرين تنهجو ٻيرو!

سڄڻ تون سُڃاڻين آهيان عيب هاڻي،
ٻرينديس ٿي ٻورهيت ٻرين تنهجو ٻاڻي،
ٻهاريان ٿي ٻانهي، تنهجو دوست ديرو!

سيني سِڪّ تنهنجي سمايل ستائي،
ڪري مهر منشيءَ سان وچ من ملائي،
جدائيءَ ۾ تنهنجي جلي جان جيرو!

❖

ڀلي ھڻ حبيبا، ڀري ڪان ڪاري،
ھٿن ساڻ ڀنھنجي ڪٽاري ٻَپاري.

ھٽڻ ڪم حبيبا، اصل ڪان اوھان جو،
سھڻ سُور سرتي، اھو ڪم اسان جو،
ٺري ھٿ جي تنھنجو، ته منھنجي ساساري.

کُھڻ لاءِ ڪاتيون، خنجر ڇو تون ڏارين،
اسان ڏي عجيبا، نھارين ته مارين،
اسان لاءِ تڪبير، تنھنجي تياري.

ڀلي ڪر نشان تي، وري ٻيو نشان تون،
ڀيو امتحان تي، ته وٺ امتحان تون،
حياتي مون تولئه، ڪئي وقف ساري.

مرڻ ڪان ته ”منشي“، مُڙيو آ نه مُڙندو،
تنھنجا سُور سھمان، سدائين ڀيو سھندو،
جيسين جڳ ۾ جيئندو، تيسين تنھنجي تاري.

❖

رتو روئي روئي، وَسي اڄ وساٽيون،
پيون پار پريَن، نظر ڪن نماٽيون!

نڪو ننڊ تِن کي، ڪو آرام آهي،
الائي اکين کي ٿيو يار ڇاهي،
وڃن واجهه وينيون، ٻئي ٻيلياٽيون!

مُنين مات ناهي، جهلڻ ساڻ نہ جهلجن،
ڏهاڙي ڏسڻ لئہ وينيون سي تہ وِهسن،
جلن ۽ جلاين، ڪوري جِيئن ڪاٽيون!

اکين آر ڪيئڙو، انهي پار آهي،
جلڻ ڪان سواءِ ٻي جِتي جاءِ ناهي،
ڪُسي جِت ٿيون تيمون، ڪروڙين مون ڪاٽيون!

اکين آهہ اهڙو ڇڪيو منشي ڇاتو،
نشو نينهن جو ڪو لڳو تن کي گهاتو،
ڦوڙائي ﻫﺮ قاتل وتن سي ويڳاٽيون!

❖

عمر اجائي يار، وي ميان، گهوٽ وڃائي تو تہ گهمڻ ۾!

وحدت واري واٽ وڃائي، ڪُل ڪُپت ۾ ڪوڙ ڪمائي،
عيش ڪيئي اختيار، وي ميان، سال وڃائي سارا سمهڻ ۾!

ناٿ نڱيءَ جا ناهيو ناهين، نينهن نوان نت روز ٿو لائين،
وڏو اڳيان واپار وي ميان، ٿيندو پيارا توکان پڇڻ ۾!

بنگلا بهتر باغ بنائين، پاڻ هيٽن تي حڪم هلائين،
اڳيان سڀهي سرڪار وي ميان، وقت وڃاءِ ڪين ويهڻ ۾!

سنيري منشي ڪر تون سعيو، موت اجهو بس آيو ڪي آيو،
زاريون ڪري زارو زار وي ميان، رب کي ريجهاءِ روئي روئڻ ۾!

❖

ڪَجلين ساڻ ڪٺاريون، تو جِن ماريون،
سي تہ ڪندي ويا زاريون! سي تہ ڪندي ويا زاريون.

قرب ڪمالي، جوت جمالي، لا اُبالي، اعليٰ عالي،
ڏنيون جن ڏيکاريون! سي تہ ڪندي ويا زاريون.

پردو هٽائي، پاڻ پسائي، نينهن لڳائي، جوش جڳائي،
دليون جن تو ڏُتاريون! سي تہ ڪندي ويا زاريون.

قيدالماءَ جي قيد ۾ پڪڙي، زلف زنجير سان جن کي جڪڙي،
تو سور سٿون سيڪاريون! سي تہ ڪندي ويا زاريون.

منشي مام پروڙي هن هُن، تَن تہ ڪيائون پنهنجا تَن تُن،
ڏار گهڙيون جن گهاريون! سي تہ ڪندي ويا زاريون.

❖

مون کي تو ۾ اُميدون وڏيون،
تون ئي جيارين جانب جڏيون!

پرين پياسين تنهنجي پَناري،
در تنهنجو ڪيئن دلبر ڇڏيون!

پاڻ سجاڻ تون پاڻ ڪي پنهنجو،
ڏِس نہ اسان جون راڻل رڏيون!

توکي ڇڏي اسين عيبن پريا،
ڪنهن ٻئي کي ڪيئن ساجن سڏيون!؟

منشي تنهنجي مهر ڏسي هِت،
ڪئين اَڏيون گناهن مڏيون.

✤

ساندي سور سيني جگر جِيءُ جلايان،
ڪونهي حال پائي ڪنهن ڪي سُڌ سٽايان!

هزارين رهيون حسرتون دل ۾ دائم،
ڪڏهن ڪين آيو ٻُڌڻ هڪ ٻه حاڪم،
ڪنهن جو ڏوهه ڪونهي، نصيبن ڪان پانيان!

ڳٽيو روز ڳالهيون ڳُجهيون تِي ٻران مان،
محبت ۾ تنهنجي منا تِي مران مان!
پيئي پاڻ پَر ۾ پَچان ۽ پچايان!

جدائيءَ جا جِيءَ تي جاني جل جاڳائي،
بهانا نوان نت رٿون روز ناهي،
تنهنجي درد ۾ دل، دکي پئي دکايان!

مرڻ ڪان اڳي محب منشي کي ماري،
رقيبن سان راتو ڏينهان گڏ گذاري،
پلا مان انهن سان حجت ڇا هلايان!

❖

سِر سمي صدقو ڪيو، مرڪي مهاڻن جي مٿان،
نينهن ۾ نوريءَ سندي ٿو ڄام هٿ ڄارو ڏسان!

نياز نوريءَ جي نمايو، ڏس تماچي تڙ ڏٺي،
محل ۾ ماڙيون ڇڏي پيو، سڙهه سمون ساري سڪانَ!

سَوَ سمين سينگار ڪيا ٿي، ڪنهن سفر جي سانگ لئه،
نياز نوريءَ جي اڳيان، سينگار سمين رائيگان!

عشق ۾ ليليٰ سندي مجنون مکي ڪان مصر ويو،
هير لئه رانجهي ڇڏيا سڀ، محل ماڙيون ۾ مڪان!

مُلڪ جي محبت اندر، مارئيءَ کي ماڙيون زهر ٿيون،
رت رُني راڻي لئه مومل، ور ويو جنهن جي هٿان!

لاڏلي ليلان ٿي روئي، ڪانڌ ڪونئرو ڪيئن ڪٿيو،
ڇِڙ چنيسر ڄام جِي، سا ڇَئِي پلا مان ڇا ڇوان!

ڪِٽ پنهون ۾ ڪيچ ڪِٽ ۾ پيو سسئيءَ سان پيچ ڪٽ،
رڻ رُلي ريهون ڪري ٿي، عشق ۾ آهُ و فغان!

رات ڪاري، ڇا ڪُنياري، موج منشي ۾ درياهُه،
آهه اوکو يار ڏاڍو، عشق جو هي امتحان!

❖

عشق اٿئي اڙٻنگ، ادا ڙي، نينهن وجائي ننگ،
وات وصال جي ويندي ويندي، وِرهه پائيندي ونگ، اداڙي.

درد جا دل ۾ دونهڙا دکندا، جيرا جگر پيا جلندا پچندا،
ڪوري مِثل پيا ٻارڻ ٻرندا، جِيءَ ۾ لڳندي جنگ، اداڙي.

ٻاههِ برهه جي آهي پاري، لڳي نه وسامي توبهه زاري،
ڪنهن پر ايندي ڪين قراري، درد جو ناهي دنگ، اداڙي.

ڪونڌر ڪئين هن ڇڏيا ڪُهائي، راڻا رانجها راءِ رُلائي،
سوين ڇڏيا هن سوريءَ چڙهائي، منصور جهڙا ملنگ، اداڙي.

هن ڪي منشي هٿ جو لائي، ٻهرين پنهنجو ڪنڌ ڪپائي،
مُٺو قبل ئي مري ملهائي، پوءِ رچائي رنگ، اداڙي.

✣

عشق رهي اڻ ڄاڻ، ڄاڻ دنيا جي ڪجھ نٿو ڄاڻي

عشق واري آهي عين اڻانگي، جنهن جو جڳ ۾ سانگي نہ وانگي،
پنهنجو رهي هُو پاڻ، موجون مستيون من جون ماڻي!

شين شرڪ شڪ شبھ ڇڏائي، ليهو لاهوت ۽ ناسوت نمائي،
جتي نہ ڪنهن جي ڪاڻ، اُت اڳين ڪان اڳي اُماڻي!

قاف ڪڏهن ڏس اونهي قعر ۾، ڪڏهن بحر ۾، ڪڏهن لهر ۾،
سور سندن سانجهاڻ، ڪير ويهي ٻيو وِرهہ واڪاڻي!

منشي مخفي مام انهن جو، نينهن نئون هر شام انهن جو،
سر مٿي ساندا‎ڻ، حاضر ڪن جي هر هر آڻي!

❖

واهه واهه عشق تنهنجون، خاصيون خلاصيون خبرون،
تڙيو ڪڍين طمع ڪي، ٻِيون تيز تنهنجون تبرون.

تو منجهه اکر عجب جا، هڪ عين شين ۽ قاف،
البت ٻيون اڙانگيون، ظاهر جي زير زبرون.

جت پير تون گهمائين، پردا حيا جا لاهين،
اهڙو عجيب آهين، جيئرن ڪوٺائين قبرون!

پنهنجو پاڻ تون لڪائي، قاصد هيڏانهن هلائي،
تنهن پي ڇڏيو جلائي، اهڙو سور ٻيو نه سنيرون.

پنهنجو پاڻ ڏئي ڏيکارو، منشي تي ڪيو تو مارو،
ٿي هاڻ صلاحڪارو، ڪنهن ريت نينهن نبرون!

❖

عشق ڪئين آزاريا، ڪئين مور منڙا ماريا!

قيس تي ڪيڏا ڪِيس ڪيائين، بُند بنجي بر ۾ بيهاريائين،
ڏک ڏکن تي ڏاڍا ڏنائين، وهم سپيئي تہ وساريا!

راڻا، رانجها ڪئين رلائيين، فرهاد ڪان تي جبل ٽڪائيين،
پنهون جهڙا ڪئين پرت بنائيين، قرب ڪيڏا ڪم ڪاريا!

تخت هزاري ترت ڇڏائي، ميهار ڪريو مينهون چارائي،
اوت اڙانگي تنهن جي آهي، ڏياچ سِر ڏاريا!

منشي لک مستان ڏناسون، جان ڏيئي بي جان ڏناسون،
ڪپي ويا ڪئين خان ڏناسون، قلم لکيا ڪنهن نہ ٽاريا!

❖

نہ سي پن نہ باعِيد، نہ سي باعِيداٽي،
ٻَسِي ٻُونءِ پڄران، اُجهاٽي اُجهاٽي.

نہ سي مل مهاڻا، نہ سي مڏ نہ مڏيون،
نہ ڪُڙهيون ڪوليرا، اُهي اڄ نہ اڏيون،
نہ گهاتو گهوريندڙ، نہ سي تڙ نہ پاٽي.

هُڙا ڪِٽ بتيلا، نہ ٻيڙيون ڪنارون،
ڪَهي سڀ ويا ڪيڏانهن، مُدار ۽ مدارون،
ٿيا سال سڪندي، نہ مهڪي مياٽي.

جگر جل جلن ٿا، ٻَسِي ٿاڪ ٿاٽا،
ملاحن جا منهن ڇڻ، ڪوٽيءَ گل ڪوماٽا،
جيئڻ جن جهنم، پورهئي ڪئي پڄاٽي.

جتي ڪوڙ ڪِيرا، ۽ اڻ ڳڻ آنيارا،
نہ اُت ڇَٽ ڇلر جي، نہ ڪي سي نظارا،
پسيو ماڳ منشي، اَڇي جِيءَ جلاٽي.

❖

اجا وِهہ وٺيءَ لئہ، آندر ڪِن اُجارا،
متان ڀائين موکي! مٺا سڀ متارا.

وري منهن مٺن جا، ڪِلي ڏس تون کولي،
ڪڙي لاءِ ايندا، ڪئين ڪنڌ قبولي،
ڪندا ڪين ڪڌهين، ڪُسڻ کان ڪنارا.

پيتو جن پاروٺو، پِرهہ ڏيئي پياڪن،
ڏوگهيا ڏول جن سي، ڏُکن مان نہ ڏاڍن،
تنهنجا اڄ بہ تن جي، نظر ۾ نظارا.

ذرو زهر جو جي، ملي هٿ تو موکي،
جهان ۾ نہ جهڙس، چڱي چيز چوکي،
سَري سُرڪ جنهن ۾، صدين جا سهارا.

ڏيڻ سُرڪ تي سِر، آ سَودو سهانگو،
مٿو مُور منشي، نہ ڪن سي مهانگو،
ڀلي آزمائي اگهڻ ڪر اُجارا.

❖

عجب عشق تنهنجا اورانگي ڏناسون،
سوين سور صدما مٿي سر سناسون.

گهٽا گهوٽ گهائي تو گهاٽي گهمايا،
ڪئين ڪاڪ تي تو تہ ڪونڌر ڪُهايا،
حڪم حاڪمن تي تو پنهنجا هلايا،
اکر صاف سچ جا ڇَپان جي ڇپاسون!

سڪندر سپاهي سوين تخت مالڪ،
سنياسي ۽ سامي سمجهدار سالڪ،
ڪئين عبد زاهد بہ خلقيا جي خالق،
تنهنجي ٻنگ ۾ ئي ٻَدل سڀ ٻُڌاسون!

جتي پاڻ پنهنجو تون پائين ٿو پير،
اتي مرد مانجهي منجهن ٿا مٿير،
اُلٽ اوٽ تُنهنجي تہ سمجهي بہ ڪير،
نہ اڳيان نہ پويان، ٻنهي ڪان وياسون!

ڏنگا تنهنجا ڏاڪا. مٿي چوٽ چاڙهي،
وجهڻ ساڻ هٿ جي لڳي ٿي ڪياڙي،
لڪن مان ڪو هڪڙو مٿي پهچي ماڙي،
اسان اڏ منجهان ئي ڇٽي پٽ پياسون!

رکي مِيمر من ۾، تون ڪر منشي بس!
اڳيان پنڌ اڙانگو گمان ۾ آ گس،
اها نيم مستي ملي توکي مس،
تُرت تات ان تي توائي ٿياسون!

❖

غزل

ويچاري دل ڪري دانهون، ٻڌڻ وارا ويا ٻوڙا ٿي،
جواني وئي جدائيءَ ۾، وياسون هاڻ پوڙها ٿي!

خدايا تو خدائيءَ جي، خبر خود پاڻ تون چاڙهين،
وَصل ڪارڻ واجهائيندي، فنا ويا جُنگ جوڙا ٿي!

حياتيءَ جو هجر هَئي هَئي، لِکي ليکو ڪريان ڪهڙو؟
قصا سورن سندا سِر تي، ويا لنبا ۽ چوڙا ٿي!

مرڻ ڪان اڳ مري مئاسون، مرڻ ڪان پوءِ مرڻ ڪهڙو،
سَتارون ساز سپ دل جا، ٽُٽي ويا ٽُڪر ٽوڙا ٿي!

سوين سهٽا، لکين منشي، دفن اِن درد ۾ ٿي ويا.
نہ ڪنهن ڪُڇيو نہ ڪنهن پڇيو، نہ ڪنهن گهر ۾ گهوڙا ٿي.

✦

هزارين بُلبُلا هن باغ مان گمنام ٿا ڏسجن،
وري صيّاد جي هٿ ۾ نوان اڄ دام ٿا ڏسجن.

نہ ڪا ڪُوڪار ڪوئل جي، نہ ڪا چينگهار چيهن جي،
انگورن تي رڳو اُلو صبوح ۽ شام ٿا ڏسجن!

خزان کي گڏ ڪٺي جيڪر بهار آئي نہ ڇا ٿي پيو،
بَڪاري بس بهار هوندي بہ بي آرام ٿا ڏسجن!

تِتر طائوس ويا تڙجي نہ تاڙن جون تنوارون اڄ،
ڪروڙين ڪانگ ڪانيرا هِتي اڄ عام ٿا ڏسجن!

اِهو ئي مئڪدو آهي مگر مئڪش نہ ساقي سي،
جلي ٿي دل جوارين جِي، هٿن ۾ جام ٿا ڏسجن!

زبان تي مُهر خاموشي، تخيّل تي لڳل تالا،
اسيرن جي اشارن جا عجب انجام ٿا ڏسجن!

سچائيءَ جو سُخن منشي سياست ۾ حذف ٿي ويو،
وفا جي واعدي وارا برا بدنام ٿا ڏسجن!

✦

سلسلا سورن جا سر تي ٽيا وڏي وڻ وڻ تہ وڻ،
سير پاءُ سپ ڪنهن سان هوندا پر هتي مڻ مڻ تہ مڻ!

سک نہ سنيرون سال گذريا، سور سر سانجهي صبوح،
رات ڏينهن ڪن ٽا رهاٽيون گڏ گهمن ڏڻ ڏڻ تہ ڏڻ!

جي ڪڙيا ’قالوا بلىٰ‘ ڪان قرب تن جو چا چوان،
پل نٽا پاسي ٽين تون ڳُڻ تہ، تِن ڳڻ ڳڻ تہ ڳڻ!

سربسر ساٿي سي منهنجا ۽ سَيراندي گڏ سُمهن،
چاھہ مان چوڪي ڏين چارئي پهر چڻ چڻ تہ چڻ!

سي اگهيا آيا جي تو وٽ، پر اجا جيڪر اَچن،
مُڙ نہ منشي تن ڪان تون سي پُڻ ڪِلي ڪڻ ڪڻ تہ ڪڻ!

✦

دل ۾ دردن جو داخلو گُهرجي،
سات سورن جو قافلو گُهرجي.

دور منزل ۽ پُرخطر راهون،
”تو جيئڻ لئه به حوصلو گُهرجي“.

تون ئي همدرد همنوا تون ئي،
ٻيو نه هرگز ڪو لاڏلو گُهرجي!

ڪير آهي جو داد غم ڏيندو؟
داد گهريم ۽ نه ڪو گُهرجي!

سنگدل آهه دلربا منشي چوي،
ان سوا نه ڪنهن جو آسرو گُهرجي!

✦

’بزم سرشار‘ ڪراچي جي طرفان مصرع طرح: ”تو جيئڻ لئه به حوصلو گُهرجي“.

عجب هن ملڪ ۾ آهن اُخوت جا لتاڙيندڙ،
مٽي منهن بي مرّوت ٿيا، مرّوت جا لتاريندڙ.

اسان جا خود اسان جي لئہ، اسان تي آگ ٻارين اَڄ،
رقيبي ڪن رفيقيءَ مان، رفاقت جا لتاريندڙ!

وساري واعدا وينا ڪيا جن قول قَسمن تي،
اچي ميدان تي مُڙيا، محبت جا لتاريندڙ!

سهاري جن ٻَڌم سندرو، ڪڏي ويا پير سي ٻڙ تي،
رکي پاسو رقيبن جو رفاقت جا لتاريندڙ!

نہ مُڙ تون موت کان منشي، سدا سچ چئو تون سڀ ڪنهن کي،
ڪندا ڇا غير گر توکي، جي غيرت جا لتاريندڙ!

✦

راهہ الفت ۾ روشني گهرجي،
قرب وارن جي رهبري گهرجي.

مال گهرجي، نہ ڪا مڏي گهرجي،
تنهنجو ديدار آخري گهرجي.

بار سر تي وساءِ تون پنهنجي،
ساٿ ڪنهن جو نہ عارضي گهرجي.

سور صدمان تہ عشق ۾ ايندا،
صرف تنهنجي ٿي خاطري گهرجي.

ڪم اچي دوستن ڪي، يارن ڪي،
اهڙي مولا ڪان زندگي گهرجي!

راند لفظن جي شاعري ڪانهي،
”ڪجهہ بلندي ۽ فڪر ٻي گهرجي“.

طالبِ ديد آهي منشي ٻي،
تنهنجو ديدار دائمي گهرجي.

◆

(بزم سرشار، ڪامل گلي ڪراچي، مشاعري جي طرح: ”ڪجهہ بلندي ۽ فڪر ٻي گهرجي)“

ڏيندي وڏيڪ ان ڪان، آخر عذاب ڪهڙو؟
ڪرٽو هجي پلي ڪر، توکي جواب ڪهڙو!

تو وٽ حسن خزانو، مون وٽ آ سر يگانو،
ڪاتي ڪٽي ڪُهڻ ۾، آهي حجاب ڪهڙو!

هي سر تہ آهہ هڪڙو، ليڪن جي لک هجن تہ بہ،
قربان سڀ ڪريان مان، توسان حساب ڪهڙو؟

معافي وٺڻ گناهن جي لاءِ چؤ ڪٽي تُون،
صدمن تنهنجن سهڻ ڪان، وڌ ٻيو ثواب ڪهڙو!

ليليٰ جيئن زهر چاڙهي، گهر گهوٽ تون گهراءِ،
وٽ امتحان اڏيءَ تي، تئي ٿو ڪباب ڪهڙو!

مئي خاني مان اوهان جي، پي مست مئي ٿياسون،
ان ڪان وڌيڪ اوچو آهي شراب ڪهڙو!

ديدار سان تو. دلبر دلڙي ڪئي ديواني،
دردن جي داستان جو، کوليان ڪتاب ڪهڙو!

نفرت ڪندي اسان سان، سهڻا ڪي سال ٿي ويا،
ڏُوران ڏِسيو اسان کي، ڍارين نقاب ڪهڙو!

منشي منا مدامي، تو در هوندو سلامي،
توکي ڇڏي ڏسان ٻيو، جاني جناب ڪهڙو!

✦

جت پياريندڙ هئا اڳ، شوق شفقت جو شراب،
ات ملڻ مهنگو ٿيو اڄ، آهه البت آب آب.

باغ ۾ بلبل مثل گل سان گذاريم گڏ جتي،
اڄ انهيءَ گل جو ڪيو آهي خزان خانو خراب.

سَروقد سوسن صنوبر، جت سريلون سونهن سان،
اُت ٿيا بيبان بَر بس، مان ڇا لکان مان برهه باب.

جت سدا ڪوئل جي ڪُوڪُو، ۽ ڪيو قُمريُن ڪمال،
اُت چبن جا چيچخارا، هو اهو جڻ خواب خواب.

باغ سان گڏ بلبلون ويئون اُڏامي اڄ هتان.
ماڳ ان تي توبه منشي آهه هلڻو هر حساب.

هڪ حسن، ٻِي بي حجابي، تيون نمونو ناز نئون،
سونهن ۽ سينگار جو سهڻو سراسر ساز نئون.

سَوَ ڏنم شاهي شڪاري، باز، باشا بي شمار،
باغ نئون، بلبل نئين ۽ باز نئون شهباز نئون!

هٿ حِناسا لال لب ابرو بہ عاليشان ٻئي،
ديس نئون ۽ ويس نئون راز، نئون، انداز نئون!

سِر مٿي ساڙهيون سَنهيون ۽، وار ڪارا سِر ڪُلهن،
رفتار نئين گفتار نئين ساز نئون، آواز نئون!

موهي منشي ڪي ڪيو مستان جنهن سو ماڳ نئون،
هنڌ نئون، سو پنڌ نئون، ممتاز نئون، دمساز نئون!

✦

اسان راند ڪئي دل رکي هار ڪٽ،
بنا دير جي فيصلو ٿي ويو جهٽ.

ڇيو گلبدن گل جيتي گل سپيئي،
ترِي پيئي اسان جي ڇَڪي پاتو ڇٽ.

پيا هاڻ پاٽي پرينءَ جو پريون،
ڪُلهي تي ڪنوائي، مٿي تي آ مٽ!

قبر ۾ ڪفن بئي اسان جا اِتي،
اِها پِڙ پٿاري، اهو آهہ پَٽ.

ڏنا تو بہ هوندا هزارين حريف،
مگر ڪوبہ منشي جي ٿيندو نہ مَٽِ.

✦

ڏُکايل دل مٿي دلبر، هٽين تو ڏنگ ڏاهو ٿي،
جدائيءَ جي اچا تائين، جوٽين پيو جنگ، ڏاهو ٿي.

حبيبا! حجر تنهنجي ۾، ٿيو ڏس حال هيٺو آ،
چوان چاهت منجهان توکي، تو چوري چنگ، ڏاهو ٿي!

قريبا الموت کي پهتس، قريبا! ڪر قدر ڪو تون،
فنا آهين، فنا ٿيندين، نه ٿي دل تنگ، ڏاهو ٿي!

وصل جي واٽ پيو ووڙيان، سگهو ڪر سيگهه سائل تي،
ستائڻ مان نه ڪجهه ورندو، نه ٿي دل سنگ، ڏاهو ٿي!

ڏيکارو حُسن جو ڏيئي، ڪسي دلڙي وئين دلبر!
تڏهن اچ تان وصل جو ڪو، وجهون اچ ونگ ڏاهو ٿي!

سجڻ صدمن سهڻ جي هاڻ، طاقت ناهه سيني ۾،
تڏهن دل مان بيائيءَ جو، ڪڍي ڇڏ ٻنگ، ڏاهو ٿي!

مٺا منشيءَ سان محبت جون گهڙيون گڏجي گذاري ڏس!
حياتيءَ تي بقا ناهي، دنيا دورنگ ڏاهو ٿي!

◆

هن پڃري هڏن جي ۾، رت ماس ڪٿي آهي،
جنهن جان ڏني تَنهن جو، احساس ڪٿي آهي!

بلبل کي ڏِسي روئندي، صيّاد کِلي بيٺو،
هن ڄار مڪر جي ۾، ڪو قياس ڪٿي آهي!

ڍائو هُو اڃا ناهي، بيڪس جو لَهُوْ پيئندي،
پوري ٿِي اڃا ان جي، ڏس پياس ڪٿي آهي!

هر روز ڪري قاتل، خنجر کي تِکو پيو ٿو،
منصوبو آ اٽپورو، ٿيو راس ڪٿي آهي!

هر حال ۾ هر صورت ۾، هڙهن کي ڪپي منشي،
سا راس اڃا اُن جي، ٿي آس ڪٿي آهي!

✦

نرالا نيڻ نازڪ جا، نشانا ڪن نوان نِت نِت،
سٽي سامهون سڄڻ سهٽو، سِدا سيني سَوان نِت نِت.

ڪشي بُئي ڪانَ ڪيرائي، ڪيئون قتلام ڪئين پيرا،
پسيو پيڪان پنبڻين جا، ڪِريو پَٽ تي پوان نِت نِت.

ڦريو ڦيرا ڏيو ڦٽ ڪن، ڦٽن تي ڦٽ ڦوهارن سان،
روئاريو ريجهه ڪن پنهنجي، رٺيو رمزون روان نِت نِت.

تکا بُئي تير تارن جا، تراريون جيئن ڪن تجلا،
نظر نشتر نظر نيزا، نيو ڪن ناتوان نِت نِت.

سدائين مار منشيءَ تي، مثل ڪن مار جي مارو،
چگن کي چار چپ چوري، تہ چوٽو آ چوان نِت نِت.

✦

نہ آ پيار زر سان، زمان سان زمين سان،
نہ هن خلق سان ءِ، نہ خُلدِ برين سان.

شريعت، معرفت، طريقت بہ تحفو،
حقيقت اسان جي، مڪان لامڪين سان!

لڪين لال لائق، هزارين حسين هت،
مگر روح ريجهو، نہ هت ڪنهن حسين سان.

خوديءَ جي خمارن جون خبرون خدايا!
تصّور اسان جو، حجت همنشين سان!

اي منشي! هي مخفي، ڪو سمجهي نہ سمجهي،
پيو ياد ڪر تُون، يڪيسر يقين سان.

✦

آس ۾ آسن تي آسون، آس پوري آس ڪر،
خاص خاصن ڪان تون خاصو، خاص پنهنجو خاص ڪر.

ور چڙهي ورتي ڏي ور ور، وار ور ور وار ور،
پاس هوندي پاس ناهين، پاس پيارا پاس ڪر.

مت متڻ ڪان منهن نہ مت ۽ مِت متا مت ساڻ مت،
راس هوندي راس راٺا، راس نا دل راس ڪر.

ڪر ڪٿي ڪر ۾ ڪرين ٿو، ڪر ڪهڻ جي ڪار ڪر،
لاس آهيان لاس لالڻ، لاس سان رنج لاس ڪر.

محب تون منشيءَ جو منشيءَ ڪي ڪريو منشي قبول،
واس ڏيئي وس وڃائي، وس نہ وڃ وسواس ڪر.

✦

ڇا ڪريان اقرار ڪيءَ ڇا ڪريان انڪار ڪي،
دل گهري ٿي هي فقط تو دلربا ديدار ڪي.

ڇا وفا سان واسطو، ڇا جفا سان جائزو،
ڇا ڪندس گلزار ڪيءَ ڇا ڪريان مان خار ڪي!

ڇا ڪريان جنت پلاءِ ڇا جهنم ڪي ڪندس،
تو سِواءِ آرام ڪٿ، ايندو نہ دل بيمار ڪي.

ڇا ڪندس حُور و پري، ءِ ڇا ڪندس غلمان ڪي،
تو سڪان ساريان سدا مان، تو پرينءَ جي پار ڪي.

من نہ منشي جو هتي، آهي اصل آرام ۾،
تار تنهنجي طرف جي، آهہ دل لاچار ڪي.

✦

آرزوئن جو جنازو، دربدر پيو روليان،
ڪٿ دفن ٿيندو خدا ڄاڻي زمين پيو ڳوليان!

اي دلِ نادان توکي، حق اميدن جو نہ هو،
بيوفا دنيا هي ساري، درد ڪنهن سان کوليان!

مون گهڻو سمجهايو توکي، تو نہ سمجهيو دل چري،
ري هنجن ٻوليون ٻڌهن سان، ٻول ڪهڙا ٻوليان؟

ڪاروان ڪاهي هليا ويا، وِرهہ ۾ ورتل ڏسي،
بس هڏو چم هاءِ هاڻي، پيو ٽڪر ۾ توليان!

ڇو ڏکن جو ۽ غمن جو، ڪنهن سان ڪريان تذڪرو،
جَي پُکي منشي پيا سي، جهل تون پائي جهوليان!

✦

بنا ديدار دلبر جي، جيئڻ مشڪل، مرڻ مشڪل،
انگل آرا عجيبن جا، ڪٽڻ مشڪل، ڇڏڻ مشڪل.

جتي منزل آ مقصودي، اتي ڪئين نيش نابودي،
مگر اِن راهہ تان مون کي، وڃڻ مشڪل، ورڻ مشڪل.

مثالِ زندگي منهنجي، رهي ڪاتي ۽ گدري جيئن،
عجب حالات ۾ اِن پر، کِلڻ مشڪل، روئڻ مشڪل!

سُکن جي آسري تي سور مون ساري عمر سانديا،
مگر تقدير منهنجيءَ ۾ ڪچڻ مشڪل، لچڻ مشڪل!

اندر ڀل آگ ڏي ڀڙڪا، نہ منشي ٻاڦ ٻاهر ڪڍ!
اڙانگي برهہ جي بازي، ڪٽڻ مشڪل، ڪٽڻ مشڪل!

✦

گُلبدن گس تي گڏيو ڪو، گل گلابيءَ جي مثال،
منهن مٺي محبوب جو، هو ماهتابيءَ جي مثال.

ڏند مِثل دُرِّ عدن ۽، لال لب، اَبرو ڪمان،
الف قد ۽ عين آهو، آفتابيءَ جي مثال.

وار ڪارا، ڏيو لامارا، لس لُڏن لامون ڪري،
لوڪ ۾ لالڻ ڏنو مون، لاجوابيءَ جي مثال.

سُونهن ۾ ثاني نہ ٻيو، ساڻس ڇوان سنسار ۾،
بات بلبل ڪان بہ بهتر، باحجابيءَ جي مثال!

مست ٿيا منشي اُتي ڪئين ناز نازڪ جو ڏسي،
هو اهو هر ڪنهن نشو ڄڻ نيم خوابيءَ جي مثال!

✦

عجيبن جي اکين ۾ هو، عجب اِسرار وهه ڙي واهه!
سبز پوشاڪ سهڻل کي، جسم جنسار وهه ڙي واهه!

گلابي گلبدن گونتي مِثل گلشن ۾ گلزاري،
زلف زهري هئا ظاهر، وريل ٻيا وار وهه ڙي واهه!

ڀرون ڪارا ڪمان وانگر، هڻن نِيشان هر ڪنهن کي،
ڳچيءَ ۾ هَس حمالا جيئن ء هيرن هار وهه ڙي واهه!

هئا لب لال لالڻ جا، ٻنا لاليءَ جي لاشڪ ٻئي،
هلڻ هوشيار جو هَئي هَئي، ڪبڪ رفتار وهه ڙي واهه!

بخاري شاهه مٿي بيشڪ، مينا بازار منشي چئي،
ڏسي ڏاها ٿيا چريا، وِين اختيار وهه ڙي واهه!

✦

ڏسو ڏسو هي اميدن جو آهہ مزار ڏسو!
عجب جو آهہ تماشو، سو بار بار ڏسو!

لحد اُداس ڏسي راهہ گُذر ڇا پيا چون،
قرار سارو مُقام، مگر هي بيقرار ڏسو!

مُئن ٿي مون کان پڇيو ”تو تہ اتي ڇا ڇا ڏٺو
چيو مون تن کي فقط ”منهنجي هي ڄمار ڏسو“

نڪير ۽ منڪر مون کان پڇڻ لڳا ٿي جڏهن،
ڪڍي غزل مون ڏنو تہ هي آهہ تيار ڏسو!

متان ڪو منشي چوي، پيار جو هٽ نالو وني،
غمِ تہ زندگي هن جو ڪري شمار ڏسو!

✦

اسان جي درد جا آهن، ڪتيون، تارا، قمر شاهد
ڪڪر شاهد، ابر شاهد، حجر شاهد، شجر شاهد

پڇڻ چاهين پڇي ڏس تون، ڪنارن کان، نظارن کان،
زمان شاهد، زمين شاهد ۽ ڏينهن شاهد، پهر شاهد.

روئڻ جون راتيون شاهد، برهہ جون باتيون شاهد،
سنجهو شاهد، آڏي شاهد، اسر شاهد، سحر شاهد!

هجيئي شڪ تہ ڪر تون پڪ، پڇي ڏس جهنگ ۽ جهر کان،
نهر شاهد، لهر شاهد، مگر سارو بحر شاهد.

پُڇي ڏس تون بياضن کان، ۽ منشي جي اشعارن کان،
نثر شاهد، نظم شاهد، مگر هرهڪ اکر شاهد.

✦

سير ۾ سڪرات ٿي، پر ڪونہ ڪو ساحل ڏٺم!
جنهن کي ساحل مون ٿي سمجهيو سو وري باطل ڏٺم.

جن ڪنارن لئہ مون ڪشتي قعر ۾ ڪاهي وڌي،
سا ڪناري ڪنهن نہ پهتي ۽ ڦري قاتل ڏٺم.

تيز جو طوفان آيو، تنهن ۾ تختا ويا ٽري
سِڙهہ سُڪانن ڪان پري، دريا اندر داخل ڏٺم!

چوٽ جي چيرا چِٽا، چولين مان تن چاتي چِني،
گهيڙ لاءِ جيئن گهڙيس، گهيرن اندر گهايل ڏٺم.

وس وسيلا ڪاڻ جنهن جي، مون وڃايا وير ۾،
سو مرڻ تائين نہ منشيءَ ڏي منو مائل ڏٺم!

✦

چا ٿيو، ھي چا ٿيو، ھي چا ٿيو،
ٿي اجڙ ويو آشيانو چا ٿيو!

مون ڪري ڪک ڪک بنايو آشيان،
ناھ اج تنھن جو نشانو، چا ٿيو!

دل ۾ رھجي حسرتون ويون ھزار،
ٿيو زھر سارو زمانو، چا ٿيو!

جو اميدن جو ھو دل ۾ قافلو،
ٿيو ڇڏي مون کي روانو چا ٿيو!

چئو طرف شعلا اٿي پِيا آڳ جا،
خاڪ ٿيو دل جو خزانو چا ٿيو!

موت جو منشي نہ آ موٽيو اچا،
چو نٿو چيڙين ترانو، چا ٿيو!

✦

اڄ صنم سينگار ڪيو، واسينگ هرهڪ وار ٿيو،
جوت جانب جي ڪنا اڄ، جا بجاءِ جنسار ٿيو.

سَروَقَد سهڻو سڄڻ جنهن سونهن ۾ ثاني نہ ٻئو،
اک ڪٽي سو اوڄتو اڳيان اڇي اظهار ٿيو.

نڪ نماڻي نازور جو جيئن نيلوفر ناز ۾،
پرت مان پيرا پري قابل ڪبڪ رفتار ٿيو.

باغ ۾ بلبل مثل باتيون ڪيائين بي حجاب،
گل چوان گلقند چوان، گفتار ۾ هوشيار ٿيو.

ناهي طاقت ڪنهن کي همت وصف جو ويهي لکي،
ميم منشي مُحب سو مڙني سندو مهندار ٿيو.

✦

SOORIH SINDHI ADAB

گُهورن گهاءُ ڏيئي گهائي ويو گهٽيءَ ۾،
حيرت پريو حُسن جو هوڪو هٽو هٽيءَ ۾.

نيزا وٺس نرالا، پريل پرون ٻه پيالا،
چاڙهي تنهين جا چالا، سيني سٽو سٽيءَ ۾.

وسيهر جيئن وار واري، آيو صنم سنواري،
ڏوران ڏنگيو ٿو ڏاري جهٽ پٽ جهٽو جهٽيءَ ۾.

نڪ نازور نيلوفر، سُوڏو ڪان سَروَ بهتر،
داغي ويو دل کي دلبر، جيت هار ڪٽ ڪٽيءَ ۾.

منشي وٺا محب ماري، ڪاٺ پيئڻ ڪان ڪاري،
ڏيئي وصل تنهن واري، ٻڌيو پٽو پٽيءَ ۾.

✦

SOORIH SINDHI ADAB

گُھور گُھوران اج ڪري گھائڻ ڪٿان سھٽا سگھيئين،
مُرڪ آٽي چؤ ٻنا مارڻ ڪٿان سھٽا سگھيئين.

ڏند ھي گلقند ۽ موتي مثل مرجان جي،
وڌ اڃان لالي لبن لائڻ ڪٿان سھٽا سگھيئين.

ھڪ پرون ڀالا اڳي ٻٽا ناز جا نيزا ڪٽي،
سوز وارن ڪي صنم ساڙڻ ڪٿان سھٽا سگھئين.

چار چوٽا چوسرا ڪرڪي ڪاريھر ڪنڌ تي،
وار ڪن ٽا وار سي وارڻ ڪٿان سھٽا سگھئين.

سَو ڪري سينگار ساجن ٿو ستم سر تي ڪرين،
منھن مٺا منشي ڪنا ٽارڻ ڪٿان سھٽا سگھيئين.

✦

سوايو سونهن ۾ سهڻو سڄڻ سينگار سان آيو،
ڏيکارڻ مُنهن آيو مونکي مگر اغيار سان آيو.

پلي آيو پلي آيو پري پيرا پلائيءَ جا،
حسينن ۾ حسين بيشڪ جُڙي جنسار سان آيو.

حسن جا سپ ڪٺي هٿيار آيو ناز مان نازڪ،

وڏو لشڪر لڙڻ لاءِ دلي دلدار سان آيو.

اچي ميدان تي مُحبن ڪيا وسڪار تيرن جا،
پڇي هر ڪنهن ڏنو پاسو جڏهن تلوار سان آيو.

سڏو جو صيف ڪي سامهون منٿيو منشي ڏسي ميڙو،
لڱڻ ڏَڪ سان وري واپس سسي ڏڙ ڏار سان آيو.

✦

رنگ ٿـو رُوح کـي وٽي، محبوب تو محلات جو،
ڪر رهاٽيون رُوح رچنديون، رُوبرو ڪنهن رات جو.

مُدّعا مهجور جي پوري تون هيڪر ڪر پرين،
ڪر منا مهمان مونکي دلرُبا دمسات جو.

چاشني جهڙي چپن تي هڪ چُمي جو سوال آ،
بس ذرو ناهي ضرورت بيوفا ٻِي بات جو.

قهر جا قانون ڇڏ ڪر قرب وارا ڪجهه قياس،
من ٻڌو آ مامرو ڏينهن رات تنهنجي تات جو.

اسم ابراهيم منهنجو مُلڪ ۾ ”منشي“ چون،
صحيح سُڃاڻج تون سڄڻ سومرو مان ذات جو.

✦

ڪر ملڻ جي مهرباني يا ڪُھڻ جي ڪار ڪر،
خُون جو خنجر ڪٽي ھي ڏڙ سِسيءَ ڪان ڏار ڪر.

جِيءَ تنھنجي جِيءَ ري جاني جفا ۾ جِيءَ آ،
بس جيئڻ اھڙي ڪان جاني ٽُڪر چيري چار ڪر.

عشق تنھنجي ۾ عجيبا سُور سامھان سَو ٿيا،
ڏي دوا ديدار جي يا زھر ڪو اختيار ڪر.

يا اچي ڏي مُحب من جا ڪا دوا ديدار جي،
يا تہ مارڻ لئہ مٿا تيار ڪا تلوار ڪر.

يا اجازت ڏي عجيبا مُحب "منشي" اِت اچي،
پرت مان پيرا پري يا حال پائيوار ڪر.

✦

محب ماڻن ساڻ ماري من تہ تو مستان ڪيو،
هي حبيبا هجر ڏيئي تو هينئون حيران ڪيو.

نيڻ نيڻن سان ملائي ناز جي تو ڪئي نظر،
دلربا دانا هُئس پر ديد تو ديوانہ ڪيو.

اوچتو اڪيون اڙيون بس ٿيو عقل اوچون اتي،
ورق سڀ وسري وئا وجود ئي ويران ڪيو.

ظلم ڪندڙ زلف زهري سي ڪٽي ڪولي چڙيئہ،
تن هيڪاري باھہ ٻاري بت انهن بيران ڪيو.

وئين هٽي، اک جي اٽي، سمجهي سٽي، دل کي ڪٽي.
ڏينهن هو بس شينهن هو پر نينهن تو نيشان ڪيو.

اي منا منشي ڪي مارڻ مان چا ماڙي تو ملي.
جو سدا پيو قيد ڪاتي تو تہ شاهي شان ڪيو.

✦

نيهن لاتم، پيچ پاتم، ڪين ڇاتم ڪلّ ڪو،
هڪ اشاري سان نهاري، ويئڙو ماري ملّ ڪو.

آ تون اوري، پلڪ ٿوري، ماس ڪوري، تو ڏيان،
سُڻ صدا هي، تيس فنا ئي، منجھ جدائي، ڪيئن جيئان،
وجهان واهون، تڪيان راهون، سٽي دانهون، ڪر ڏيان،
حُسن هاءِ، سرمون پائي، وئين جا ڳائي، جَلّ ڪو.

زلف ڪارا، ناز وارا، سونهن سارا، واهه واهه،
مُنهن منور، جوت جوهر، گل ۽ گوهر، واهه واهه،
ديد ذاريئي، جي نهاريئي خوب ماريئي، واهه واهه،
نيڻ ڪڻ ڪڻ، تير هڻ هڻ، ناهه تو ڇڻ، جهلّ ڪو.

منجھ طبيعت، ناهه جميعت، سُڻ حقيقت، حال جي،
ڪر عنايت، ڏيئي آٿت، آهي ساعت، سال جي،
ڪر وفائي، ڇڏ جدائي، ڪر پلائي، پال جي،
وصل واريو، قول پاريو، گڏ گذاريو، پلّ ڪو.

توبهه زاري، انتظاري، رات ساري، مون هلي،
تو ڪناري، مُحب ماري، جان ساري، ويئي جلي،
ڇڏ تون سختي، منجھ مخفي، وڃ تون منشي، سان ملي،
توکي ساريان، ڪيئن گذاريان، آب هاريان، ڳلّ ڪو.

✦

قرب وارن اڄ ڪَني سُونهن جا سامان ڪيا،
نازڪن جي هڪ نظر دانا ڪئين ديوانہ ڪيا.

وار ڪارا ونگ وارا ور مثل واسينگ جيئن،
ڪئين نهاري مرد ماري ملڪ تن ميدان ڪيا.

برهہ وارن پائي ٻُولو ناز نڪ جا ڪيانوان،
دُرِّ عدن موتي مڙهيل ڪئين دام ۾ دندان ڪيا.

لال لب رُخسار ريشم غبغب زڪن جو زور ٿيو،
البت اکيون جي رب رکيون سي قريبن ڪان ڪيا.

ڇا وصف منشي لکين طاقت نہ آهہ ڪا ٻہ تو،
زلف جي ڏوري وجهي هن زاهد ڪئين زندان ڪيا.

✦

سوين ساڙڻ سندا سهٽو ڪٽي سامان اڄ آيو،
جوڙي زنجير زلفن جا ڪرڻ زندان اڄ آيو.

تڪيون تلواريون تنهن ڪان سواءِ ٻيا تير ۽ تبرون،
ڪٽي نشتر نوان نيزا چٽڻ نيشان اڄ آيو.

برهہ بڇيون ۽ بندوقون ٻيا بارُود باقائد،
ڪني ڪاتيون ڪري قاتل ڪشڻ ڪئين ڪان اڄ آيو.

گُسائي گُرز ڪو تنهن جو، تہ ڇُرين جا ڏيئي ڇيرا،
خنجر خُوني ڪٽي هٿ ۾ ڪرڻ قربان اڄ آيو.

ٻُڌي هوڪو حُسن جو پوءِ هاڪاري ٻيا ٿيا حاضر،
مرڻ ڪارڻ تڏهن "منشي" مٿي ميدان اڄ آيو.

✦

وار جي وارن ڪيا سي ونگجي ويڙها ٿيا،
اوچتو عضوا سيئي لچڪي لُڏي ليڙا ٿيا.

ڪَر ڪٽي ڪارا ڪلاداري اچي جي ڪڙڪيا،
پوءِ انهي ڪان ياءُ برادر سڀ ڀجي پيڙا ٿيا.

جي ڦٽيءَ سان ٽيون ڦٽيون ڦُوڪن سان تن ڦٽيا ڦڦڙ،
جُنگ جوڳي ويا جفا ٿي، مرلين مٿان ميڙا ٿيا.

جن ڏنگن ڏوران ڏنگيس مان، مڻ تہ تن مرجان جي،
مڻ جي ماٹڻ لاءِ ملڪن جهنگ جهر جهيڙا ٿيا.

مار "منشي" تي ٿيو مارو جو مڙي مارُن ڪيو،
ٿيو چمن ويران سارو ۽ سُجا سيڙها ٿيا.

✦

گلبدن گلشن اندر کو جوت سان جاني ڏٺم،
تنهن سڄڻ سردار جو نہ سُونهن ۾ ثاني ڏٺم.

رُوءِ روشن رُوبرو سينگار سان سهڻو صنم
لال لب ابرو کمان بس لوڪ لاثاني ڏٺم.

نڪ ڏگهو ۽ نيڻ نازڪ ناز وارو نازنين،
صاف سيني جي مٿان پيا پئي قُبا کاني ڏٺم.

وار ڪارا تنهن سنواريا چاھ مان چوٽا چندن،
مُرڪ پي محبوب جي شيرين شڪر داني ڏٺم.

مست منشي ڪين مَ ٿي دنيا دورنگي کي ڏسي،
حسن وارا وڏ انهيءَ کان خاڪ ۾ فاني ڏٺم.

✦

محب محبت مان نہ ڄاڻي، ڇا ڪريان،
سهڻو صحبت مان نہ ڄاڻي، ڇا ڪريان.

آئون نهاريان ٿي نماڻو، هُو نهاري گهور سان،
ڪهل ڪڏهن ڪين ڌاري، مون مٺل مهجور سان،
ڇڄ ڪٽي تون هوت هاڻي، ڇا ڪريان.

منهنجا سَنڌ سورن ڪيا ساڻا هتي،
هُو ڪري محبوب پيو ماڻا هُتي،
پيو مزا هُو خُوب ماڻي، ڇا ڪريان.

پيچ پريَن سان پڪو پاتو اٿم،
آسرو الله مان تہ بہ نہ لاٿو اٿم،
هُو پلي پيو تنگ تاڻي، ڇا ڪريان.

مُرڪ جنهن منشي ڪي ماري آ ڇڏيو،
ورهہ وارو ورق واري آ ڇڏيو،
من الاهي اڳڻ آڻي، ڇا ڪريان.

✦

هن حياتيءَ ۾ حبيبا هيج مان هيڪر ملو،
درد ۽ ڏوري وجن جاني اچي جيڪر ملو.

سال ڪئين سڪندي گذاريم، ويو سڙي سينو سڄو،
دم گهڙي لئہ دوست مون سان دلرُبا دلبر ملو.

ڪهل آڻي قُرب وارن جِي قريبا ڪَر لهو،
يوم هن ۾ ياد آڻي يار ٿي يڪسر ملو.

جر جدائي ۾ وهايان جان من تو جا بجا،
حال پائي حال هيٺي ۾ اچي همسر ملو.

مٺي محبت جي پياري مست منشي کي ڪري،
ڏور ٿئي دورو خزان جو جي اچي ديگر ملو.

◆

ڪر نہ ٻيائي ٻاجھہ ڪر تون ٻاجھہ وارا ي پرين،
ڏي دلاسو ڪر نہ پاسو، پرت پيارا اي پرين.

سال سڪندي ٿيا گھڻا ويو سوز ۾ سينو سڙي،
قرب ۾ قابو ڪري ڪئي تير مارا اي پرين.

تو جدائي منجھہ جاني ٿا جگر جيرا جلن،
پرت جون پٽيون ٻڌي ڪر ڇوٽڪارا اي پرين.

تَن رهي تابش اندر تہ بہ تات تنهنجي آ تنوار،
مهر ڪر مهجور تي تون جيءَ جيارا اي پرين.

وصل ڪارڻ واعدا محبوب منشي کي ڏيئي،
قرب وارن ڪان ڪرين اڄ ڇو ڪنارا اي پرين.

✦

عجب اُلفت ڪرڻ اُن سان مناسب يار ٿو سمجهان،
وٺي جو دل رکي دل سان اهو دلدار ٿو سمجهان.

ستمگر سان ڪيم سودو وڌي هٿ ويچ ڪونهي ڪو،
جيئڻ جنجال بس جڳ ۾ بنهه بيڪار ٿو سمجهان.

دلاسي تي ڪٺي دل مون، حوالي هوت جي ڪئي آ،
گلستان سو بنا گل جي خزان ۽ خار ٿو سمجهان.

دغا دولاب دنيا جي حسينن ۾ هلي هر هنڌ،
وفاداري ويئي واپس پراهين پار ٿو سمجهان.

مري وٺا مور ڪئين منشي محبت جون سهي ميخون،
اُنهن جي آه و زاري جي سڄي سُڌ سار ٿو سمجهان.

◆

جو يار ناهي ياقي تنهن يار کي ڪبو ڇا،
سيرت سواءِ صورت سينگار کي ڪبو ڇا.

هر هر هنر هلائي حرڪت جا هُو هزارين،
تڪرار روز تنهن سان تڪرار کي ڪبو ڇا.

ڏينيو ڏسڻ سان جنهن کي ڇهنيو وڃن ڇيلاتا،
دلدار تنهن لئہ ويهي ديدار کي ڪبو ڇا.

سڪرات جنهن لئہ سرتي سالن ڪنا سَني مون،
اقرار ٿيو نہ ڪڏهن انڪار کي ڪبو ڇا.

جيرا جگر جهان ۾ جنهن ڪاڻ مون جلايا،
بيزار سو سدائين بيزار کي ڪبو ڇا.

ڪوڙا ٿيا قول جنهن جا ڪافي قريب آهن،
اعتبار اڄ اُنهي جي اعتبار کي ڪبو ڇا.

ڪڏهن قصور مونکان، ڪونهي ڪو قرب ۾ ٽيو،
ڪيو خار خوامخواهه هن پوءِ خار ڪي ڪبو ڇا.

جاءِ ويو جو جوڙي هفته هلي نه هڪڙو،
معمار سو ٽيو تنهن معمار ڪي ڪبو ڇا.

آيو پڙهي پڏي پڳ ڪنز قدوري ۽ ڪافيه،
جيڪر عمل نه ڪيو ان پڳدار ڪي ڪبو ڇا.

مُنهن تي ڪري جو مِٺ مِٺ پَرپُٺ ڪري گلا سو،
جو پيار پيار ناهي تنهن پيار ڪي ڪبو ڇا.

منشي منجهان نه محبت شوقئون جو شعر لکيو،
بيڪار ٽيو نه پهتو بيڪار ڪي ڪبو ڇا.

✦

جواني وڃائي جاني اچڻ ٿيو نہ ڇا ٿيو،
اکين ڪان پوءِ انڌن جو ملڻ ٿيو نہ ڇا ٿيو.

خوشين جو باغ خالي ٿي خاڪ ۾ ختم ويو،
باقي خزان ۾ خالي ڪلڻ ٿيو نہ ڇا ٿيو.

غالب ٿيو موت من تي اڳ ئي مرڻ ڪنا،
دلبر وري دوبارا مرڻ ٿيو نہ ڇا ٿيو.

جو سير هو سحن ۾ ٿيو فنا فنا،
باقي انهي باغ ۾ گهمڻ ٿيو نہ ڇا ٿيو.

منشي ڪي مست ڄاڻي سَوَ سال وئين ڇڏي،
ڪانڌين سان گڏ قبر تي وڃڻ ٿيو نہ ڇا ٿيو.

✦

آئي خبر، تازي هينئر، سهڻو سفر، ويو ڪالهہ ڪر،
آيو امر، مون لئہ مگر، شام و سحر، ٽيئڙو زهر.

لالڻ لڏي، مونکي ڇڏي، ساٿي سڏي، ويا ور وڏي،
جن لئہ جگر، جلي سر بسر، سي نازور، وئا دور در.

قُربن ڪڙي، جن سان جڙي، سي ويا چڙهي، ڊاهي مڙهي،
ساريو سگهر، ڪريان حشر، وٺا ڏيئي جبر، واري ولر.

جن سان اصل، ميلو مثل، ترسيا نہ پل، ويا بي وصل،
ڏاڍن ڏمر، تن ڪيو قهر، جاري ٿيو جر، چارئي پهر.

موٺي مٺا، اڇي ٿيو ڪَٺا، هٿ مينهن وٺا، ڏاڍا سُٺا.
وچڙيل وگر، ساري سگر، منشي مگر، ساجن صدر.

✦

سال ٿيا سڪندي گهٽا جاني سواءِ جنهاڻ ۾،
ٿي پرين مونڪان پري پرچي هُو وينا پاڻ ۾.

حال جا محرم هميشه لئہ هليا وئا هاءِ هاءِ،
جيءَ جگر جيرا جلائي وئا ڇڏي ڇڪتاڻ ۾.

ماڳ تي موتيا نہ موٽڻ لئہ مُڪائون ڪانگ ڪو،
وئا لڏي لالڻ ائين جيئن ڪو ڪڙو ويو ڪاڻ ۾.

جيئن سمهاري سيج تي سسئي وئا سُورن ۾ ڇڏي،
تيئن عجيبن اوچتو ڪئي الوداع اڻ ڄاڻ ۾.

ماڳ ماڙيون محب ري منشي جي لئہ ماتام ٿيا،
رُوح کي راحت نہ آهہ ري سڄڻ رهاڻ ۾.

✦

ياخدا شل خير سان جيئري وري جاني ڏسان،
من گُهرئي محبوب سان محبت منجهان موٽي ملان.

ساھ جنهن سهٽي سڄڻ کي سڪ منجهان ساري سدا،
پرت جا پيوند جنهن سان سو پرين هيڪر پسان.

جو وسارڻ سان نہ وسري سو وساريان ڪيئن پلا،
تن قريبن جي قدم تان ڪئين دفعا قُربئون ڪُسان.

جن عجيبن جي اندر ۾ آرزو مون عام جام،
تن حبيبن ساڻ هيڪر همسفر ٿي شل هلان.

مست منشي کي ڪيو جنهن ڏيئي وفا جو واعدو،
تنهن صنم سردار سان خوش ٿي سدائين شل ڪان.

✦

وٺي واهه وٺي، تنهنجي اِک جي اٽي،
نظر جنهن ۾ آيو، ڏٺي ئي ڏٺي.

پلائي سان پاکر جي پايو پرين،
پون سُور سيني جا سارا چٽي.

اسان کي کا آئت ڏيو يا نه،
اسان آهيون تنهنجي پيرن جي پٽي.

نٿو مڻ محبت جا توکان مڱان،
اسان کي عطا کر قرب جي کٽي.

کري مهر محبوب منشي مٿي،
پري ٻاجهه نظرون نهاريو کٽي.

✦

نظم

مبارڪ مڙن کي، پري پير آيا،
اوهان جي اچڻ سان، ٿيا لايا سجايا!

هي شاديون مُراديون، شل ماڻيون آزاديون،
سدا سبز سايون، رهن سنڌ جون واديون،
لکين پُٽ سنڌوءَ جا، اچ سُورهه سامايا!

مهڪ آ مينديءَ ۾، گهري رَتُ راڻي،
ڏيندا سر سينگاري، ڪي اڄ، ڪي سُباڻي،
نه رهندي پُٽن تي، ڪا پُونءَ جي بقايا!

سڄي قوم کي سنڌ، سڏڙا ڪري ٿي،
هو ڪيٽيءَ کان ڪشمور، ياڪر پري ٿي،
ڪيڏا ڀال سنڌوءَ، آ پُونءِ سان ڀَلايا!

ڀھڙا ميڙ منشي، هِي مچندا ئي رهندا،
ءِ واهڙ هي واديءَ، ۾ وهندا ئي رهندا،
هي داٽا دعا جا، پڙهي مون پڏايا!

❀

سَون سالن جي پند کان پوءِ، جتي آهيون اُتي آهيون،
مگر پوءِ پيي ٿڪا ناهيون، جتي آهيون، اُتي آهيون!

معلّم منزلن کان اڳ، گُهتين گوهين ۾ گُم ٿي ويا،
اڃو گڏجي ڪو گس ناهيون، جتي آهيون، اُتي آهيون!

گهٽيئي جهاڳ جهاڳي سين، آهيون اوڙاهہ تي پهتا،
اڃا بس گيت پيا ڳايون، جتي آهيون، اُتي آهيون!

ڏيها ڏيهہ ڏس ڏيا ڀريا، نظر ڦيرائي ڏس ڀريان،
اسين پيا رات کي راهيون، جتي آهيون، اُتي آهيون!

هٿايون پاڻ تان پهرا، تہ چوڌاري چٽا چهرا،
ڏسڻ شايد نتا چاهيون، جتي آهيون، اُتي آهيون!

ٻُڌي لَڄ لوءِ جون وايون، پڇن ٿيون سنڌ جون مايون،
چوڻ منشي اِهو چاهيون، جتي آهيون، اُتي آهيون!

❀

تون بند ٻڌي بند ڪرڻ چاهين ٿو پاڻي،
پر پاڻي توسان پاڻي ٿيندو اڄ يا سڀاڻي.

سک کين سُمهي سگهندين سڄي سنڌ سُڪائي،
مهراڻ جي مانجهين کي سگهيو ڪو نہ جهُڪائي،
سِر ساهه ڪبا صدقي تون ڏس زور لڳائي،
تو ساڻ ڪبي هاڻ هڪي هڪ هڪاڻي...!!

شيطان شرافت جو پائي آيو آ پهراڻ،
شازش سان سُڪائڻ ٿو گهري درياهہ هي مهراڻ،
جنهن ۾ غوطا کائي ٿيندو غرق پنهنجو پاڻ،
ڪڏهن نہ ٿيندي منهنجي اها ڪوڙي ڪهاڻي...!!

هي ٻيلا ٻنيون مال مارن جا هي متارا،
سرسبز ڪري سنڌوءَ سدا ڪنڌيون ڪنارا،
منڇر ۽ هي ڪينجهر جا پريا نينهن نظارا،
سانگين جو جنهن ۾ ساهہ سنڌوءَ ساهه سيباڻي...!!

مستي ۾ اچي هي ٿو پري ڏندون ۽ ڏورا،
چوڙي ڇيڪ چانگون ڇورا ڏين محبتي مورا،
نپجن ٿا هتي روز نوان نينهن نڪورا،
سنڌوءَ تہ رهي آهي سدا رُوح جي راڻي...!!

پاڻيءَ ۾ پساهہ آهي پنوهارن جو ٻڌي ڇڏ،
سِر ساهہ ڪبا صدقو سنگهارن جو ٻڌي ڇڏ،
اعلاج اهو ڌرتيءَ جي ڌڻارن جو ٻڌي ڇڏ،
رنجيت جي پوين ڪي ڪبي ٽُڪ ٽڪاٽي...!!!

اُٿو جاڳو سڄي قوم سنڌيءَ ڪي تہ جاڳايو،
هتي جيئڻ مرڻ جو تہ وري وقت هي آيو،
پنجابي پليتن ڪي مٿان پُونءَ پڄايو،
وري "منشي" مارن لاءِ متي آهي مياٽي...!!

❀

(نواز شريف جي دؤر ۾ ڪالا باغ ڊيم تي لکيل نظم)

SOORIH SINDHI ADAB

پليتن بند ڪيو پاٽي، سڪي سنڌو ٿيو ساٽو،
حرامين تي هلان ڪريون، اٿو سڀ سنڌ جا ماڻهو.

ڦڙي جي اڄ ٻيا ڦٽڪون، سڪي ويا سڀ سلا ساوا،
ٻيا ڪن اڄ پنجابي ڏس، جبر ۽ ڏاڍ سان جاوا،
سڪن ٻيا اڄ سُتي جي لئہ، هزارين سنڌ جا ڄاوا،
حرامين ڪيو حرام آهي، انسان لئہ انّ جو داڻو...!!

لفنگ هن لانگ بوٽن تي، لڪن گڏ ٿي للڪاريون،
روڪي رستا ٽوڙي پٽڙيون، ڪريون سڀ بند بازاريون،
ٻچائي ٻُونءَ مٿان تن کي، وڙهن جا وير سڀ واريون،
سدائين سنڌ وارن تي، گهمي گهر گهر ٻيو گهاٽو...!!

SOORIH SINDHI ADAB

مڏيون ۽ مڏ ملاحن جا، پيا واري متي وڙڪن،
ٻنيون ٻيلا ٻاٻاڻن جا، ٻريو آرهڙ پيا ٻڙڪن،
مري ويا مال مارن جا، ٻچيا سي سوڪ ۾ سڙڪن،
پيا ڏاڙيل پُونءَ ٻيلين، ڏٺين تي پيا پنيث پڙڪن،
لٿا ميدان تي آهيون اسين پاڳيا اوهين هاٺو...!!

اهي سوڍا اهي راڻا، سماٽ ۽ سومرا ساڳيا،
اوهان ئي سنڌ سنڀالي ۽، اوهان ئي پُونءَ جا پاڳيا،
اوهان سان رند لاشاري، ورهن ڪان سي وتن واڳيا،
هي پونديون چاوٽيون چرڪي، اوهان گڏجي ٻاهن جاڳيا،
پڄايون پُونءَ مٿان "منشي" اچي سوٿيم ويو ٽاٺو...!!

❀

(مشرف جي ڊيم تي لکيل نظم)

SOORIH SINDHI ADAB



منهنجي مٽي ڪان پوءِ،
گيت منهنجا پيا گونجندا!

لڙڪن کي لارون ڪري،
ڪوبہ نہ مون لئہ روءِ!

روئي روئي رت ڦُڙا،
جڏيم ڌرتي ڌوءِ!

پنيت پڙڪن پنن تي،
لهسي ساري لوءِ!

بسنت رُت جون بوندون ايندئون،
هيرن ساڻ هُڳوءِ!

منشي مور نہ مرڻو آ،
توڙي نہ حياتي هوءِ!

SOORIH SINDHI ADAB

Rs : 100.00

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani